علي اڪبر راهمون

# زندگي جي مسئلن سان
# منهن ڏيڻ جو بهتر سليقو

زندگي جي بن ۾ ڀٽڪندي، سردگرم هوائن کي منهن ڏيندي، بي چين ۽ بيقرار دل سان ويچارو انسان نہ رڳو صدين کان جپاپي جي جنگ جو ٽيو اچي، پر پنهنجي منزل مقصود ڏانهن پڻ وڌي رهيو آهي.

زندگي جي هن اڙانگي پهاڙ تي چڙهندي، ورن وڪڙن وارن پيچرن تي عزم ۽ حوصلي سان هلندي ويچارو انسان ڪيئين ڀيرا تاريخي تبديلين، سماجي انقلابن ۽ تهذيب جي پيچ ڊاهہ جي عمل مان پڻ گذرندو رهيو آهي، زندگي جي هن رڻ پٽ ۾ رولاڪي ۽ ڏکئي سفر ۾ هو هلندي هلندي جڏهن ”واٽون ويهہ ٿيون، ڪوهہ جانان ڪيهي وياسپرين “ جي دڳ تي پهچي ٿو ۽ هر طرف مايوسي جا ڪارا ڪڪر ۽ بي وسي جي اونداهہ انڌوڪار پسي ٿو تہ ان وقت ڪيس لاچاري ۽ تنهائي جو احساس شدت سان ٿئي ٿو، پوءِ جيڪڏهن ٻئي هٿ کڻي پنهن جي حقيقي پروردگار ڏانهن واجهائي ٿو، تہ هن مشڪل گهڙي ۾ بيشڪ هو اچي هر انسان جو واهر وسيلو ۽ سهارو بڻجي ٿو ۽ سندس وچ سير ۾ ڦاٿل ٻيڙو ڪناري لڳائي ٿو، هن ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ جيڪڏهن هن مشڪل وقت ۾ ٻنهي جهانن جو پالڻهار سهارو نہ بڻجي تہ وپچاري انسان جي زندگي جي ٻيڙي ٻڏي وڃي يا هو رهزنن ۽ لٽيرن جا هٿان لٽجي وڃي، جيڪي نفساني خواهشن ۽ شيطاني حربن جي صورت ۾ هر دم انسان جي ڪڍ لڳارهن ٿا، جتي جڏهن موقعو ملندو اٿن تہ اتي انسان ويچاري کي ڦريو لٽيو برباد ڪريو ڇڏين. پر جنهن کي رب رکي، ان کي ڪير چکي جي مصداق جنهن کي رب پاڪ هدايت ۽ حفاظت عطا فرمائي ٿو، ان جو واه وسيلو ۽ سهارو بنجي ٿو تہ هو خوش نصيب انسان



دنيا جو رڻ پٽ سلامتي سان پر ڪري وڃي ٿو ۽ ٻنهي جهانن ۾ سوڀارو ۽ سرخرو پڻ ٿئي ٿو.

ڏڻي پاڪ پروردگار انسان جي هدايت ۽ رهنمائي جي واسطي مقدس ڪتاب ۽ ڪيترائي پاڪ صحيفا وقت بہ وقت پنهنجي پيارن پيغمبرن ذريعي ڏياري موڪليا ۽ سندس پيغمبر جي سيرت ۽ ڪردار کي انسان جي لاءِ روشن ڏيئو پڻ بڻايو. هاڻي ڏسڻو هي آهي تہ هدايت جي آفتاب جا اهي ڪرڻا ۽ رهبري جا روشن ڏيئا، زندگي جي هن رڻ پٽ ۾ ڀٽڪندڙ انسان جي لاءِ ڪهڙيون راهون روشن ڪن ٿا ۽ ڪهڙين ڏسن ۾ رهبري ڪن ٿا، دراصل هدايت جي نور جا ڪرڻا ان ڪلام پاڪ قرآن مجيد مان ڦٽي نڪتا آهن جيڪو ٻنهي جهانن جي سردار خاتم الانبياء حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جن جي پاڪ زبان مان ڦهريون ڀيرو انسان ٻڌو، هن ڪلام پاڪ ۾ جن جن پيغمبر ۽ نبين جي سيرت ۽ ڪردار جو ذڪر ٿيو آهي، سو قيامت تائين انسان جي رهنمائي ۽ رهبري لاءِ ڪافي آهي.

هن سلسلي ۾ سڀ کان پهرين اسين هدايت جي سر چشمي ڪتاب قرآن مجيد ٻنهي جهانن جي سردار مڻيادار حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جي سيرت ۽ سندس پيروي ڪندڙ نيڪ ٻانهن جي ڪردار جي ڪجهہ پهلوئن جو مختصر مطالعو ڪنداسين. جيئين اسين پنهنجي سماجي اخلاقي زندگي کي سڌاري سنواري اسلامي زندگي مطابق بنائي سگهون.

سورة القصص جي پنجونجاهين آيت ۾ ارشاد رباني آهي، ترجمو ” ۽ حقيقي ايمان وارا اهي آهن جيڪي جڏهن بيهوديون ۽ فضول ڳالهيون ٻڌندا آهن تہ انهن کان منهن ڦيرائي ڇڏيندا آهن ( اها مجلس ئي مٿي ڇڏيندا آهن ) يا چوندا آهن تہ اسان جي واسطي اسان جا عمل ۽ توهان جي واسطي توهان جا عمل، بس توهان کي سلام، اسين جاهلن کي پسند نہ ڪندا آهيون . “

يعني اسين بيهودي ۽ فضول بڪواس ڪندڙن جي رد عمل ۾ اچي نہ انهن جي زبان ۾ ڪجهہ ڪڇندا آهيون، نہ بدلو وٺندا آهيون، بلڪ انهن کي درگذر ڪري ڇڏيندا آهيون. حڪمت سان ڀرپور اسلامي تعليم جي هيءَ هڪ خاص ڳالهہ آهي تہ هدايت جي طالب جي تربيت ڪجهہ اهڙي ريت ڪئي ويندي آهي جو هو اشتعال ڏياريندڙ ۽ دل ڏکوئيندڙ ڳالهين ۽ حرڪتن جو جواب بہ ساڳي زبان ۽ حرڪت سان نہ ڏيندو آهي، بلڪ صبر، برداشت، بردباري ۽ سنجيدگي جي دامن کي مضبوطيءَ سان پڪڙي رکندو آهي، اهڙي ڪنهن بہ اڻ وڻندڙ صورتحال ۾ نہ هو جذباتي رد عمل جو شڪار ٿيندو آهي، نہ وري ڪاوڙ کان مغلوب ٿي هوش هواس وڃائي ويهندو آهي. بلڪ اهڙي حالت ۾ بہ هو مثبت سوچ جي علامت ۽ استقامت جو پيڪر بڻيل رهندو آهي.

اشتعال انگيز، اٽوٽندڙ ۽ ڏکوئيندڙ صورتحال ۾ پنهنجو پاڻ تي قابو رکڻ، سهپ ۽ برداشت جو حوصلو بحال رکڻ لاءِ انهن اصولن کان واقفيت از حد ضروري آهي، جن تي الله تعاليٰ هن دنيا کي تخليق فرمايو آهي، يعني فطرت جا اصول، جيڪي برحق ۽ اٽل پڻ آهن، جيڪي هر دور ۾ انسان جي لاءِ رهنما ڪارگر ۽ قابل عمل پڻ آهن، تاريخ ۽ تجربو هن ڳالهہ جي واضح ثابتي آهن تہ هن دنيا ۾ ڪا بہ منفي شيءِ ڪنهن بہ ٻي منفي شيءِ جو حل بلڪل ناهي، هن اصول جي وضاحت الله تعاليٰ پنهنجي ڪلام پاڪ جي سورة چوڏهين ۾ آيت چوٽيهين ۾ هن طرح فرمائي آهي، ترجمو_ " هرگز نيڪي ۽ بدي برابر ٿي نٿيون سگهن. يعني منفي ۽ مثبت ڪڏهن بہ هڪجهڙا نٿا ٿي سگهن، ان ڪري اوهين بدي کي اهڙي طريقي سان پنهنجي رستي تان هٽايو جيڪو احسن طريقو هجي جيڪڏهن اوهين اهڙي بهترين طريقي سان بدي کي هٽائيندا تہ ممڪن آهي اوهان جو دشمن بہ دوست ٿي پوي، اسين جيڪڏهن گار جو جواب گار سان ڏينداسين تہ بس ڳالهہ اتان ئي بگڙجڻ شروع ٿيندي، اهڙيطرح اسين پاڻ ۾ دوريون ۽ فاصلا



وڌائڻ جا پاڻ سبب بڻجنداسون ۽ دلين ۾ ڪدورت، ڪروڌ، ڪيني ۽ بغض جهڙيون بيماريون جنم وٺنديون، سيرت نبوي ۾ اهڙين مڙني بيمارين جي علاج بابت تجويز ٿيل لاجواب نسخو " نرم گفتار " ۽ پرهيز " ڪاوڙ جي نفسيات کان پاسو ڪرڻ آهي_ صحيح مسلم شريف ۾ حضرت ابو هريره رضي الله تعاليٰ عنہ کان روايت نقل ٿيل آهي تہ " پاڻ ڪريم صلي الله عليم وسلم جن فرمايو! پهلوان اهو ناهي جيڪو پنهنجي حريف کي دسي وجهي، بلڪ طاقتور اهو آهي جيڪو پنهنجي غصي تي غالب پئجي ڏيکاري "

پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي پاڪ سيرت جو هر واقعو ۽ زندگي جي هر ادا اسان جي لاءِ هڪ، عظيم الشان سبق آهي، سندن سڄي مڪي زندگي بردباري، درگذر ۽ سهڻي اخلاق جو هڪ اعليٰ نمونو آهي، پر جڏهن پاڻ سڳورا مدني رياست جا خود مختار حاڪم بڻيا ۽ پوري عرب جا مال خزانا ۽ اقتدار سندن قدمن ۾ اچي پيا. تڏهن بہ ڪا اٽوندڙ صورتحال سندن آڏو ايندي هئي، يا ڪو مغرور ۽ جاهل ڪافر سندن حضور ۾ گستاخي ۽ بدتميزي جو مظاهر ڪندو هو تہ بہ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم ان جي رد عمل ۾ هڪ مثالي سهپ ۽ بردباري جو مظاهر ڪندي نہ رڳو درگذر ڪري ڇڏيندا هئا، پر سهڻي سلوڪ سان ان کي پنهنجي خطا جو احساس اهڙي نموني سان ڏياريندا هئا جو هو ڪجهہ ئي دير ۾ پنهنجي غلطي محسوس ڪندي پشيماني ۽ پڇتاء کانسواءِ رهي نہ سگهندو هو .

" بهيقي " جي هڪڙي روايت ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي سيرت پاڪ جو هڪڙو واقعو هن طرح ذڪر ٿيل آهي تہ، زيد بن سعنہ نالي هڪڙو يهودي پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن کان ورتل قرض گهرندو هو. هڪڙي دفعي قرض موٽائڻ جي واعدي کان ٽہ ڏينهن پهرين آيو، ايندي ئي پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي ڪلهي مبارڪ تي رکيل چادر ۾ هٿ وجهي ڪرڪڻ لڳو چي،عبدالمطلب جو اولاد قرض موٽائڻ جي معاملي ۾ ڪوتو آهي وغيره وغيره، ان وقت حضرت عمر رضي الله عنہ مجلس

۾ موجود هو. سندس فاروقي غيرت پڙڪو کاڌو. هڪل ڪندي چيائين خبردار يهودي اڳتي هڪ لفظ بہ گستاخي جو ... پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم ان کي اشاري سان روڪيندي مخاطب ٿي فرمايو. اي عمر،توکي جڳائي تہ مون کي حسن ادائيگي جي تلقين ڪرين ۽ زيد کي سهڻي نموني سان قرض گهرڻ سيکارين.پوءِ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم زيد کي مخاطب ٿيندي فرمايو، اجان واعدي موجب تہ قرض موٽائڻ ۾ ٽي ڏينهن باقي رهيل آهن، پر اسين تنهنجي قرض موٽائڻ جو اڄ ئي بندوبست ڪريون ٿا. پوءِ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن حضرت عمر رضي الله عنہ کي مخاطب ٿي حڪم فرمايو! هن جو قرض هينئر ئي ادا ڪر، ۽ ويهہ ( صاع ) هن کي قرض کان وڌيڪ پڻ ڏي، ڇو جو تو هن کي سخت ڳالهايو آهي. راوي وڌيڪ چيو تہ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جو اهڙو سهڻو سلوڪ ڏسي زيد ڏاڍو شرمسار ٿيو ۽ پوءِ مسلمان ٿي ويو. اهڙا ڪيترائي واقعا پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي سيرت پاڪ جا حديث سيرت جي ڪتابن ۾ موجود آهن. جيئن طائف جي بازار ۾ ۽ جنگ احد جي ميدان ۾ مشرڪن پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم تي حملو ڪري سخت زخمي ڪيو، ڏاڍو ڏکوئيندڙ ۽ برو سلوڪ ڪيو پر رد عمل ۾ رحمة للعالمين مثالي سهپ ۽ بردباري جو مظاهرو ڪندي، انهن کي بد دعا ڏيڻ جي بدران هيءَ دعا ڏني، تہ " اي خدا! منهنجي قوم کي هدايت فرماءِ، هو مون کي نٿا سڃاڻن . "

جيڪڏهن ماڻهو رد عمل جي نفسيات ۽ ڪاوڙ کان مغلوب نہ ٿئي، سهپ، صبر ۽ برد باري سان ڪم وٺي، تہ هر قسم جي اڻ وڻندڙ صورتحال مان آساني سان نڪري سگهي ٿو ۽ معاملي کي وڌيڪ بگڙجڻ کان پڻ بچائي سگهي ٿو. نرم گفتار ۽ مثبت رويو هڪ اهڙو عظيم الشان فطري هٿيار آهي جنهن جو نشانو ڪڏهن بہ گسي ڪو نہ ٿو ۽ هن حربي سان پٿر دل کي ميڻ بڻائي سگهجي ٿو.



هڪڙو دفعو حضرت ابراهيم بن عيلہ کي خليفي هشام بن عبدالملڪ اموي پنهنجي دربار ۾ گهرايو. ان کي مصر ۾ ڍل وصول ڪندڙ ڪاتي جي آفيسر جو عهدو آ ڇيو. حضرت ابراهيم بن عيلہ اهو عهدو قبولڻ کان انڪار ڪيو. چي! آئون هن عهدي جي اهل ناهيان. خليفو هشام، ابراهيم جي اهڙي جواب ڏيڻ تي ناراض ٿي پيو، چئي، ابراهيم توکي اهو عهدو قبولڻو پوندو، نہ تہ توکي سزا ملندي. حضرت ابراهيم نهايت ادب سان عرض ڪيو. اي خليفا! الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي تہ اسان زمين آسمان تي امانت پيش ڪئي، پر انهن ان جي بار کڻڻ کان انڪار ڪيو. پوءِ جڏهن خود خدا تعاليٰ ذميداري نہ قبولڻ تي نہ خفا ٿيو. نہ ئي انهن لاءِ ڪا سزا تجويز ڪئي، پوءِ تون ڀلا ڇو ٿو خفا ٿئين. خليفو، اها گفتار ٻڌي بلڪل ماٺ ٿي ويو ۽ ان کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏنائين. ابراهيم جي اهڙي نرم گفتار کان پهرين خليفي هشام کي ان جي طرفان غلطي نظر اچي رهي هئي، پر اهڙي گفتار کان پوءِ خليفي کي محسوس ٿيو تہ غلطي خود ان جي آهي. اهڙي احساس سندس سوچ کي بدلائي ڇڏيو. معلوم ٿيو تہ مخالف ڌر جي ضمير کي جنجهوڙڻ ۽ ان کي پنهنجي غلطي جو احساس ڏيارڻ ان تي سڀ کان وڏو وار آهي، جنهن جي هو تاب ئي نٿو آڻي سگهي.

سهپ، صبر، بردباري ۽ نرم گفتار کي ڪڏهن بہ بزدلي نہ سمجهڻ کپي، بلڪ هيءَ تہ هڪڙو زندگي جو سنهري اصول آهي، جنهن جي قدرت واري هر هڪ انسان ۾ استعداد عطا فرمائي آهي. عربي ۾ هڪڙي چوڻي آهي تہ " السماح دباح " يعني معاملي کي نرمي ۽ فراخ دلي سان حل ڪرڻ جو طريقو هميشہ فائدي وارو هوندو آهي دراصل هيءَ مثال سماجي زندگي جو تجربو آهي.

هڪڙي دفعي جي ڳالهہ آهي تہ هڪڙو مڙس سفيد ۽ نفيس پوشاڪ پاتل ڪٿي بس جي انتظار ۾ بيٺل هو. ان جي پويان بيٺل همراهہ بي ڌياني ۾ پان ڪائيندي ٿڪيو. جيڪو اچي سفيد پوش مڙس جي ڪپڙن تي پيو ڪپڙا داغدار ٿي پيا، مڙس جو ڪاوڙ مان چهرو ڳاڙهو لال ٿي ويو. پر ايتري ۾

يڪدم پان ڪائيندڙ همراه پوئتي مڙيو ۽ هٿ ٻڌي چيو مون کي معاف ڪريو. بس سفيد پوش همراه جو غصو في الفور لهي ويو ۽ چيائين ڪا ڳالهہ ناهي، پر واري هوٽل تان پاڻي ڪٽي داغ ڌوتا ويا ۽ هر ڪنهن پنهن جي واٽ ورتي.

ٻي صورت هيءَ بہ ٿي سگهي ٿي تہ ڪنهن کي اهڙي ڪا اڻوڻندڙ صورتحال سامهون اچي ۽ ٻئي ڌريون بگڙجي پون، هڪڙو چوي ڏسين ڪونہ ٿو انڌو آهين ڇا، ٻيو چوي زبان مان سنڀالي ڳالهاءِ ،گهڻي بڪ بڪ نہ ڪر نہ تہ...... وغيره وغيره اهڙي حالت ۾ ممڪن آهي هٿو پائي تائين وڃي پهچن ۽ ڪو وڏو نقصان ڪري وجهن. ڇاڪاڻ تہ انسان جوازلي دشمن شيطان تہ اهڙي موقعي جي ئي تلاش ۾ هوندو آهي.

بهرحال فردن جي وچ ۾ معاملو هجي يا قومن ۽ ملڪن جي وچ ۾ اهڙو ڪو معاملو هجي، هميشہ نرمي ۽ بردباري سان ٺاري سگهجي ٿو. سچ پچ تہ نرم گفتار باهہ تي پاڻي وجهڻ مثل آهي، جڏهن تہ تيز تند زبان ۽ ڪاوڙ مان زبان مان نڪتل لفظ باهہ تي پيٽرول ڇڙڪڻ برابر آهي، پهريون طريقو باهہ کي اجهائي ٿو پر ٻيو طريقو باهہ کي ڀڙڪائي ٿو. ۽ ياد رکڻ گهرجي تہ اسلام جو اخلاقي سبق پهريون طريقو آهي.

عظيم سنڌي شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجن ڪجهہ بيتن ۾ هن مضمون کي هن طرح سهيڙيو آهي.

هو چونئي، تون مَ چئو واتان ورائي ويڻ
سيني سيد چئي، من ماري ڪر ميڻ
ڪانڌو ڏيائي ڪيڻ، ڪيني منجهان ڪين ٿئي
نمي ڪمي نهار تون، ڏمر وڏو ڏک،
منجهان صبر سک، جي سنوارئا! سمجهين.
نمي ڪمي نهار تون، ڏمر ڏو لاڱ
ٿي ساجائو جي اپهين انهيءَ پير تي.
ڏمر پاسو ڏک سين، ڪانڌ ڪٺوري هوءِ،
والله مع الصابرين، آگوايهين چوءِ.



ڪم، ڪمندڙن ڪٺيو هارايو هوڙن،
ڇڪيو نہ ڇوندڙن، هو جو ساء صبر جو.
هو چو نئي تون مَ چئو واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي.
پاند ۾ پائي ويو ڪيني وارو ڪين ڪي.

مولانا خير محمد نظاماڻي

# منهنجي صحافت ۽ ان جا اصول

## مسلمانن جي نيڪ نيتي !

مسلمان هڪ بيحد ساده دل ۽ نيڪ نيت قوم آهي، مذهب کان عملي طور پري هئڻ جي باوجود هن جي عقيدي ۽ نيت ۾ اسلام ئي اسلام آهي ۽ ڪا بہ شي جنهن تي اسلام جو ليبل لڳل ناهي، تنهن جي خريد ڪرڻ لاءِ مسلمان تيار ناهن ۽ ليڊري يا جماعت بندي جو ڪو بہ دڪان جنهن تي اسلام يا اسلاميت جو سائن بورڊ ناهي تنهن ۾ داخل ٿيڻ ۽ ان جي گراهڪن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ مسلمان هرگز مائل ناهي،چاڪاڻ تہ مسلمان کي اسلام ۽ اسلام جي نالي سان انس ۽ محبت آهي، اهو ئي سبب آهي تہ شيطان کي بہ جيڪڏهن مسلمان کي گمراه ڪرڻو پوي ٿو تہ هن کي بہ اسلام ۾ لڪڻو پوي ٿو ۽ اسلام جي نالي جو دام منڊڻو پوي ٿو. مسلمان مذهبي طرح سان اگرچہ اسلام کان ناواقف آهي، ليڪن دلي طرح سان اسلام سان ايتري قدر وابستہ آهي، جو اسلام جي نالي ۾ جيڪڏهن ڪيس ڪو گناهہ جو ڪم ڏسجي ٿو تہ اهو بہ ڪرڻ کان نٿو ڪسي ۽ مسلمان جڏهن ڪو گناه ڪري ٿو، تڏهن بہ نيڪي جي ڀولي تي ۽ ڪا بچڙائي ڪري ٿو تہ بہ چڱائي جي شبهي ۾.

تازو هڪ اهڙي قسم جي نيڪ نيت مسلمان وڏيري سان اسان جو ڪم پيو آهي، جنهن پنهن ساده دلي ۽ نيڪ نيتي سان اسان کي ايتري قدر حيران ڪري ڇڏيو آهي، جو اسان مجبور ٿي ويا آهيون تہ موجوده زماني جي مسلمان جي نفسيات يا سائيڪالوجي تي نئين سر غور ڪريون! تازو " باب الاسلام " جي دفتر مان انهي وڏيري صاحب ڏانهن جو شادي پلي جو رهندڙ آهي " باب الاسلام " جي وي _ پي موڪلي وئي، اگرچہ اها دفتري غلطي



آهي،جنهن موجب هن نيڪ نيت مسلمان کي وي، پي موڪلي وئي ۽ انهي ۾ " باب الاسلام " جي گنهگار ايڊيٽر جو قصور ناهي، ليڪن اسان جي هن نيڪ نيت مسلمان اطلاعي ڪارڊ جي جواب ۾ هڪ خط "باب الاسلام " جي ايڊيٽر کي لکيو . جنهن جا الفاظ هي آهن "رئيس تحرير مولوي خير محمد صاحب! مون کي اخبار موڪلڻ بند ڪجو. وي_ پي جي خرچ جي تڪليف نہ ڪجو لکڻ جا گوهر! ليگ جي برخلاف لکڻ ڏاڍو پيو لڳي، اوهان جي تحرير بلڪل سخت، نازيبا ۽ اڻ وڻندڙ آهي، بيداري ۽ لنواري جهاد وارو زمانو قرباني تان قربان ٿي ويو. ڏٺي ڪري اوهين اسان بي ناز ۽ نامدد گارن لاءِ ليگ ۾ شامل ٿي، دلدار ۽ يار غار ٿيندا. انشاء الله تعاليٰ بلڪل سگهو مون جهڙن هيٺن مسلمانن جي راهبري ڪندا."

## مشت خاڪ_ فلاڻو

خط لکڻ جي نياز واري تحرير مان ائين اندازو لڳائڻ نہ گهرجي تہ سچ پچ ڪو ڪمزور ۽ مشت خاڪ آهي، بلڪ هو هڪ وڏو زميندار ۽ ڀهچ وارو ماڻهو آهي ۽ سچ پچ جيڪڏهن هو همت ٻڌي تہ " باب الاسلام " جهڙين ڏهن اخبارن جو يڪي سربار ڪٽي سگهي ٿو . ليڪن هو هن ڪمزور ۽ غريباڻي آواز کي ٻارهن روپين جي معمولي مدد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جي ٻارنهن روپيہ بہ وري پني ۽ ڪاغذ جي شڪل ۾ ڪيس ئي موٽي ملن ها. ڇا لاءِ تہ هنجي نگاه ۾ "باب الاسلام" اسلام کي نقصان پهچائي رهي آهي. زمانو بدلجي پيو. حق گهٽا ڏينهن ناحق بنجي نٿو سگهي ۽ ناحق هميشہ لاءِ حق جي جاءِ پري نٿو سگهي، جي ڪڏهن اسان جي دوست وڏيري صاحب جي اها نيڪ نيتي باقي آهي تہ اهو ڏينهن قريب آهي، جڏهن هو ليگ جي بدران اسان فقيرن جي، قطار ۾ بيٺل نظر ايندو. چاڪاڻ تہ ليگ هڪ رڃ آهي. جنهن کي پاڻي سمجهي حڪومت ۾ غلبي جا پياسا مسلمان انجي پويان ڊوڙي رهيا آهن.

اسان پنهنجي نيڪ نيت ڀاءُ کي ٻڌائڻ گهرون ٿا تہ اسان جي باري ۾ سندس خيال اگرچہ نيڪ نيتي تي ٻڌل آهي. ليڪن انهي سان گڏ غلط فهمي تي بہ مبني آهي. ليڪن اها سندس غلط فهمي تڏهن ضرور ختم ٿي ويندي جڏهن جون 1948ع ختم ٿي ويندو.

اسان جي دوست کي شايد گمان آهي تہ اسان پاڪستان جا مخالف آهيون ليڪن ائين هرگز نہ آهي. اسان ڪان وڌيڪ ٻيو ڪوبہ هندستان جي ڪنهن ننڍي يا وڏي ٽڪري تي مسلماني حڪومت جو خواهان نہ هوندو. ڇاڪاڻ تہ جنهن ماڻهو جي تمام زندگي اسلام جي لاءِ وڙهندي خرچ ٿي هوندي ۽ جيڪو ٻارهن ورهن جي عمر ڪان وٺي انگريز جو باغي ۽ انگريزي حڪومت جو جاني دشمن ٿي رهيو هوندو. جنهن شخص ٻارهن ورهن جي عمر ڪان وٺي اسلام, مسلمانن لاءِ قيد خاني ۾ پير رکيو هوندو. سو اڄ يڪدم اهڙو نہ ٿي ويندو. جو اسلام فروشي ڪري ۽ مسلمانن سان دغا بازي ڪري. البتہ اسان جي نيڪ نيت دوست کي انهن ماڻهن جي چالبازي ڪان هوشيار ٿيڻ گهرجي. جيڪي "چمندي چام" آهن ۽ جن تحريڪ خلافت جي زماني ۾ ۽ ترڪي جي اسلامي حڪومت جي بربادي جي زماني ۾, عراق عرب ۽ ٻين مسلمان ملڪن جي انگريزي حڪومت جي چنبي ۾ اچڻ جي زماني ۾ انگريز جو ساٿ ڏنو ۽ انگريز جا اوزار ٿي ڪم آيا ۽ مسلمانن جا بهترين جوان جي اسلامي حڪومتن جي بربادي تي غم ۽ غصي ۾ تڙپي رهيا هئا ۽ انگريز جي مقابلي ۾ قوم کي منظم ڪرڻ ۾ مشغول هئا. تن سيني کي هڪ هڪ ڪري جيل موڪلائڻ ۾ حصو ورتو ۽ " امن سڀاڻن " جي نالي سان مسلمانن جي تنظيم کي ڍاهي. ترڪي خلاف شيطاني تبليغ جو فرض بجا آندو.

ڇا اسان جي دوست سنڌ جي اڪثر ميرن, پيرن ۽ وڏيرن کي اڄ تائين ڪوبہ " اسلام " جو جهنڊو کڻي اٿيا آهن ۽ ليگ ليگ ڪندا گهمن. تن کي نہ ڏٺو هو تہ خلافت جي زماني ۾ مکي ۽ مديني تي انگريزي گوليبازي جي



زماني ۾ انهن اسلام جي مقابلي ۾ انگريز سان ڪيئن دوستي ڳنڍي هئي؟ ڇا اسانجي دوست کي شيخ غلام حسين ۽ ٻين اڄ ڪلهہ جي اڪثر ليگي جوڌن جي اسلام جي نالي تي قوم جي آبرو لٽيندڙن جي ڪرتوتن جي خبر ناهي تہ اهي ڪهڙي قسم جا بزرگ آهن؟ اڄ ڪلهہ جڏهن اهو خطرناڪ زمانو هليو ويو آهي ۽ انگريز سان لڙائي جو دور نہ آهي, تڏهن هي سڀ ٻليون ست ڪئا کائي حج تي سنپريون آهن ۽ ڪو مجاهد ملت ۽ ڪو فخر قوم هن ساده دل امت تي پنهنجي چالاڪي ۽ هوشياري جو جادو هلائي رهيو آهي.

اسان گهرون ٿا تہ مسلم اڪثريت وارن پرڳڻن ۾ مسلمانن جي حڪومت هجي ۽ انگريز ۽ هندو جي غلبي ڪان آزاد راڄ هجي ليڪن اسان ڏسون ٿا تہ مسٽر جناح مسلمانن کي پاڪستان جو نالو ٻڌائي اهڙي اوڙاه ڏانهن وٺي وڃي رهيو آهي جتي پاڪستان ۽ مسلماني جي بدران هميشه جو موت ۽ هميشه جي تباهي آهي ۽ بس!

اسان کي پنهنجي نيڪ نيت بزرگ تي افسوس آهي تہ هو پنهنجي نيڪ نيتي جي غلبي ۾ اتي وڃي پهتو آهي جتي هن اصليت ۽ حقيقت کي بہ فراموش ڪري ڇڏيو آهي. نيڪ نيت صاحب کي منهن جي قرباني واري زماني تي بہ اعتراض آهي حالانڪ جيڪڏهن نيڪ نيت صاحب منهنجي ادارت واري زماني جي قرباني کي سچ پچ پوري طرح مطالعو ڪندو رهيو آهي تہ پوءِ مون کي افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ نيڪ نيت صاحب ليگ سان پنهنجي حسن عقيدت جي مستي ۽ جنون جي غلبي ۾ عدل ۽ انصاف کي ڪهي ويو آهي جنهنجو حڪم قرآن پاڪ جي صفحہ صفحہ تي موجود آهي.

مون قرباني جي ادارت جون واڳون 1. اپريل 1946ع ڪان جون 1946 جي آخر تائين سنڀاليون آهن ۽ قرباني جو پهريون پرچو منهنجي ادارت هيٺ شايع ٿيو تنهن ۾ مون پاڪستان تي ايڊيٽوريل لکيو ۽ هندو قوم کي

پاڪستان جي مخالفت تي اهڙي مدلل نموني سان رد ڪد ڏنو جو انهي قسم جو مدلل ايڊيٽوريل انهي مسئلي تي شايد ئي ڪنهن اخبار لکيو هجي. منهنجي اچڻ ڪانپوءِ ئي قرباني جي اندر باربر ۾ ”سنڌ جي مسلمانن جا بہ نعرا“ شايع ٿيندا رهيا جن مان هڪ جيڪڏهن اسان جي نيڪ نيت صاحب کي وسري نہ ويو هوندو تہ هي هو: ”پاڪستان ليڪي رهيگي.“

البتہ انهي وچ ۾ غلام حسين وزرات ۽ سنڌ جي نظام حڪومت تي قرباني ۾ نڪتہ چيني ٿيندي رهندي هئي. ليڪن ڇا اسان جو نيڪ نيت دوست هن ڳالهہ کان انڪار ڪندو تہ غلام حسين جي وزرات سنڌ جي ماڻهن خاص ڪري سنڌ جي غريب مسلمانن لاءِ وبال جان ۽ عذاب اليم ناهي؟ ڇا غلام حسين جي دور حڪومت ۾ جيڪي ڪجهہ ٿي رهيو آهي اهو حق آهي؟ ڇا رشوتون، غريبان مار ۽ سياسي پڙون جو زور ۽ عملداري دٻاءُ جيڪو هن انسان سنڌ ۾ جاري ڪيو آهي اهو اهڙو آهي جنهن تي ڪو حق پرست ۽ حق گو انسان خاموش رهي سگهي؟

علماء مسلمين ۽ مجاهدين اسلام هميشه ظلم ۽ ناحق جي اگهاڙي تلوار جي سامهون سينہ سپر رهيا آهن. منصور عباسي جي مقابلي ۾ حضرت امام ابو حنيفہ جو اعلان حق، مامون الرشيد جي سامهون امام احمد جو حق جي حمايت ۾ بيدن سان ڪتجڻ اسلامي تاريخ جا روشن واقعا آهن. خدا جي فضل سان ملت اسلاميہ جي اجتماعيت هميشہ معصوم ۽ غلطي ۽ گناه کان پاڪ رهي آهي ۽ جڏهن بہ حڪمران طبقي پنهنجي ظلم زبردستي ۽ رشوتن ۽ لالچن سان مسلمانن جي اڪثريت کي حق کان باز رکيو آهي تڏهن ضرور ڪونہ ڪو خدا جو بندو اهڙو نڪتو آهي جنهن انهي ظلم جي اجماع کي ٽوڙي حق جو نعرو بلند ڪيو آهي ۽ ظلم ۽ ناحق جي راج سان سينہ سپر رهيو آهي.

مسلمانن ۾ جيڪڏهن ڪي يزيد پيدا ٿيا آهن جن ترغيب ۽ ترهيب جي زور تي امت جي اڪثريت کي راه حق کان ڦيرايو آهي تہ اتي الله جي هن



پاڪ دين جي اندر حسن ۽ پيروان حسين بہ هميشه پيدا ٿيندا رهيا آهن جي ظلم کي ۽ ناحق کي ناحق چوڻ کان ذرو بہ نہ مڙيا آهن ۽ ظلم ۽ جابر خلاف نعره هڻڻ کان نہ گٿا آهن.

ڇا اسان جي نيڪ نيت دوست کي غلام حسين ۽ ان جي هن انڊيرنگري واري راج جي ملعونيت ۽ برائي ۾ شڪ آهي؟ جيڪڏهن ڪيس انهيءَ ۾ شڪ آهي تہ پوءِ اسان کي بہ سندس نيڪ نيتي ۾ شڪ آهي ڇاڪاڻ تہ غلام حسين جي عهد حڪومت کي يزيدي دور ۽ شيطاني ۽ دجالي دور نہ سمجهڻ ۽ گهٽ ۾ گهٽ هن بدبودار ۽ گندي حڪومت کي دل ۾ بڇڙو نہ سمجهڻ اسان جي نگاهہ ۾ ايمان جي گهٽ ۾ گهٽ نشاني کان بہ خالي ٿيڻ آهي.

اسان جي نيڪ نيت دوست کي جيڪڏهن هن سيہ ڪار اعظم جي ظالماني، رشوتخورانہ ۽ عملدار پروانہ راج تي نڪتہ چيني ڏکي لڳي ٿي تہ اسان کيس ٻڌايون ٿا تہ جيستائين غلام حسين انگريز کان الڳ ٿي اسلام جو نہ ٿيو آهي ۽ ڪامورا پروري کان باز اچي غريب پروري ۽ مسڪين نوازي نہ ڪئي اٿس ۽ جيستائين هي رشوت جو راج ختم ڪري عدل ۽ انصاف وارو دور شروع نہ ڪيو اٿس. جيستائين چند وڏن ماڻهن ۽ پارٽي جي ڍنڍورو چين ۽ سياسي پڙون ۽ عملداري دلالن کي ورسائڻ جي پاليسي تان دست بردار ٿي سنڌ جي غريب هارين ۽ مزدورن ۽ ڪاسبين جي بهتري جو پروگرام نہ کنيو اٿس تيستائين اسان انشاء الله هن ظلم جي ٽنيي تي نڪتہ چيني ڪندا رهندا سون پوءِ ڪٽي سنڌ جو هڪ هڪ وڏيرو ۽ هڪ هڪ زميندار ۽ عملدار اسان تي ناراض ٿئي ۽ اسان جي هڪ بہ اخبار نہ وڪامي.

مون کي اخبار جي پرواه ناهي، خريدارن جي پرواه ناهي. آءٌ ضمير کي وڪڻي، ايمان کي خير آباد چئي اخبار هلائڻ کان اخبار کي بند ڪرڻ بهتر سمجهندس ۽ جيڪڏهن منهنجي انهي حق گوئي ڪري باب الاسلام بند ٿي ويندي تہ الله جي اڳيان شڪر جو سجدو بجا آڻيندس.

مون کي هي تصور ڪندي خوشي ٿي ٿئي ۽ منهنجي دل کي فرحت ۽ راحت ٿي اچي جڏهن ڏسان ٿو تہ پنهنجي تمام بي سرو ساماني ۽ ڪمزوري جي باوجود ظالم حاڪم ۽ انڌير سان برسرپيڪار آهيان. جيڪڏهن ”افضل الجهاد ڪلمته الحق ڪند سلطان جائر“حق آهي تہ پوءِ منهنجي هي غلام حسين راڄ سان لڙائي اسلامي جهاد آهي. جيڪڏهن هن ”جنگ عظيم“ ۾ مون کٽيو تہ بہ کٽيو جيڪڏهن هاريو تہ بہ کٽيو . ”هي مڙهي پڳي تہ بہ فتح فقير جي جيڪڏهن هوءَ مڙهي پڳي تہ بہ فتح فقير جي.“

اسان جي نيڪ نيت وڏيري صاحب کي پنهنجي مال ودولت ۽ وسيع زمينداري تي ناز آهي تنهنڪري هو انهي جي نشي ۾ اچي پنهنجن ٻارهن روپين جي ڪاڻ ڏيکاري رهيو آهي ليڪن ڪيس معلوم هجڻ گهرجي تہ هتي بي پرواهي ۽ خود داري جا پنڊار پريا پيا آهن ۽ اسان پنهنجي غربت ۽ فقيري جي باوجود هر دولتمند کان بي نياز آهيون. اهي ٻارهن روپيہ تہ هڪ معمولي شيءِ آهن ليڪن اسان جو وڏيرو صاحب جيڪڏهن پنهنجي تمام زمينداري جو ڪاتو بدلائي ڏي تہ بہ انشاء الله اسان هن ظالم غلام حسين کي ”ڪلمئہ حق“ چوڻ کان باز نہ ايندا سون ۽ظالم کي ظالم ۽ انڌير کي انڌير چوڻ کان باز نہ ايندا سون! ۽ جهڙي طرح ڪا ترغيب ۽ لالچ اسان کي حق جي راه کان هٽائي نٿي سگهي تهڙي طرح الله پاڪ ۾ اميد هي تہ غلام حسيني راڄ جي تمام طاقت، نقصان ۽ تڪليف جا سڀ خوف ۽ خطرا اسان کي حق گوئي کان باز آڻي نٿا سگهن. اسان يا تہ هن غلام حسين جي انڌير نگري کي ”انصاف آباد“ ۾ بدلائيندا سون يا وري سنڌ جي غريب مسلمان ۽ مظلوم انسان لاءِ وڙهندي جان ڏيندا سون.

ويپيون دفتر مان

ڪئين وڃن ٿيون ۽ انهن مان ڪئين واپس اچن ٿيون. اسان انهن مان ڪنهن تي بہ قلم کڻڻ جي جرات نہ ڪئي آهي، ڇاڪاڻ تہ هي ڏيتي ليتي جو سوال آهي، پسند ۽ ناپسند جو سوال آهي.

(روزانہ باب الاسلام 645 اپريل 1947ع)



فقير عبدالهادي ٽيپو

# هندو ڏاها

## اسلام جي شاهراه تي

### ماستر عبدالواحد صاحب

### (اڳوٽونالوسنجيواسٽيانا)

احمد اواهہ: السلام عليڪم ورحمتہ الله وبرڪاته.

ماستر عبدالواحد: وعليڪم السلام ورحمتہ الله وبرڪاته .

سوال: عبدالواحد ڀاءُ ، بابا سائين مون کي حڪم ڪيو آهي تہ اسان جي رسالي ”ارمغان“ جي لاءِ توهان سان ٿورو ڳالهائڻو آهي، تہ جيئن دعوت جي ڪم ڪندڙن لاءِ ڪارآمد ثابت ٿئي.

جواب: رات مون کي بہ مولانا صاحب فون ڪيو هو تہ احمد توهان سان بہ ٿي ڳالهيون ڪندو .

سوال: استاد صاحب! توهين پنهنجو خانداني تعارف ڪرايو؟

جواب: اسين اصل آسامي آهيون،گوهاٽيءَ ۾ منهنجو ڏاڏو انگريزن جي دور ۾ آفيسر هو. سٽيانا اسان جي ذات آهي. منهنجو پتاجي (والد صاحب) سيلز آفيسر هو. بنگال جي مختلف شهرن ۾ رهيو. آخرڪار ڪلڪتي ۾ گهر نهرائي رهڻ لڳو ۽ سندس وفات بہ اتي ئي ٿي. منهنجو اڳوٽو نالو سنجيوا سٽيانا هو. سيپٽمبر 1959ع ۾ مالده ۾ پيدا ٿيس. شروعاتي تعليم بہ مالده ۾ پرايم. اسڪول کانپوءِ ڪاليج جو وارو آيو تہ بابا جي ٽرانفسر ڪلڪتي ۾ ٿي، ۽ اتي ئي منهنجي وڌيڪ تعليم ٿي. ايم ايس سي ڪرڻ کانپوءِ هڪڙي سرڪاري هائر سيڪنڊري پرائمري اسڪول ۾ سائنس

ٽيچر ٿي ويس. ڪجهه عرصي ڪانپوءِ اتي جي هڪڙي ڊگري ڪاليج ۾ ليڪچرار ٿيس. ۽ ﷲ جو شڪر آهي جو اڄ به سائنس پڙهايان ٿو. منهنجي شادي به هڪڙي پڙهيل ڳڙهيل خاندان ۾ ٿي. ڇوڏنهن سال ٿيا آهن. منهنجو سهرو به هڪڙي ڪاليج جو پرنسپل آهي ۽ گهر واري به هڪڙي ڪانوينٽ اسڪول ۾ پڙهائي ٿي.

سوال: سائين، پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ جو واقعو ٿورو تفصيل سان ٻڌايو؟

جواب: سرڪاري نوڪر هئڻ جي ڪري هر ٽئين سال اسان کي گهمڻ ڦرڻ لاءِ الائونس ڏنو ويجي ٿو. اڄ کان نو سال اڳ 1998ع ۾ آئون سائوٿ جي پڪنڪ ٽُوئر تي پنهنجي گهر واريءَ ۽ ٻارن کي وٺي ويس. واٽ تي به ڏينهن پوپال ۾ بريڪ جرني ڪري پوپال ڏسڻ جو پروگرام هو. پوپال لٿاسين. اسٽيشن تان هڪڙي ٽيڪسي پاڙي تي ورتي سين. اتفاق سان مون کي بخار اچي ويو. ٽيڪسي واري کان ڪنهن مناسب هوٽل جو پتو معلوم ڪيم. هن چيو ته ٿوري پنڌ تي هڪڙي سني ۽ سستي هوٽل ۾ انتظام ڪرائي ٿو ڏيان. ٽيڪسي وارو غلط قسم جو ماڻهو هو. هو مون کي هڪڙي هوٽل ۾ وٺي آيو. مون کي چيائين ته توهين هوٽل ۾ ڪمرو پسند ڪريو. آئون هوٽل ۾ اندر ويس ۽ ڪمرو پسند ڪيم. ٽيڪسي واري مون کي چيو ته آئون ٻارن ۽ سامان کي ساڻ ڪري اچان ٿو. توهين بخار ۾ آهيو، ڪمري ۾ آرام ڪريو. هوڏانهن گاڏيءَ ۾ وڃي منهنجي گهر واري کي چيائين ته توهين ٻارن کي وٺي هلو. آئون سامان گاڏيءَ مان لاهي ڪٽي اچان ٿو. منهنجي به قسمت خراب هئي يا سني هئي، آئون جڏهن به ٽيڪسي پاڙي تي ڪرائيندو آهيان ته ٽيڪسيءَ جو نمبر پاڻ وٽ نوٽ ڪري ڇڏيندو آهيان. پر بخار جي تيز هئڻ ڪري، مون کي نمبر نوٽ ڪرڻ وسري ويو. ٽيڪسي وارو سامان سوڌو ڀڄي ويو. سمورو سامان، ڪپڙا، پرس جنهن ۾ پنج سئو روپيين سان گڏ ريل جا ٽڪيٽ به هئا، ڪٽي ويو. بخار جي حالت ۾ هن اوچتي حادثي جي ڪري



جيڪا حالت منهنجي ٿي، سا بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. تيز بخار ۾ هوٽل مان لٿس. پوليس اسٽيشن جي پڇا ڪيم. ٿاڻي ۾ وڃي رپورٽ داخل ڪرايم. ٿاڻي وارن ڏاڍا دم دلاسا ڏنا. شام تائين ٿاڻي ۾ ويندا رهيا سين. پر ڪا به ڪاروائي ڪا نه ٿي. بخار جي دوا اسٽور تان وٺي کاڌم، بخار ڪجهه هلڪو ٿيو. ٽيڪسي ڪري ريلوي اسٽيشن پهتا سين. گهر فون ڪيم، پر سخت مينهن ۽ سيلاب جي ڪري بنگال جون لائينون خراب ٿي چڪيون هيون، فون ڪونه لڳو. جهانسي وڃڻ واري گاڏي تيار بيٺي هئي، بنا ٽڪيٽ اسين ان ۾ ويهي رهيا سين. ريزويشن جي ڏٻي ۾، ٽي سي ٽڪيٽ چيڪ ڪرڻ لاءِ آيو ۽ اسان کان پينلٽي سوڌو ڪرايو وٺڻ لاءِ زور پرڻ لڳو. مون پنهنجو پورو تعارف ڪرايو ۽ جيڪو حادثو مون سان ٿيو هو، سو ٻڌايم. اتي هو نرم ٿيو ۽ ڇوڙڻ لڳو ته توهين فڪر نه ڪريو. جهانسي تائين مون سان هلو. جهانسي کان ڪٽهار وڃڻ واري گاڏي توهان کي اتي يڪدم ملندي، توهين ان ۾ چڙهي پئجو. ان گاڏيءَ ۾ منهنجا ڪافي سارا ٽي سي سڃاڻو آهن، آئون انهن کي چئي ڇڏيندس، هو توهان کي بنا ٽڪيٽ وٺي ويندا. ڪٽهار ۾ توهين کو ٻيو بندوبست ڪجو. منهنجي بدن ۾ ساهه پيو ته هلو. ڪٽهار تائين وڃڻ جو ته بلو ٿيو.

پوپال کان هلڻ وقت ئي مون کي ٻيهر بخار ٿي پيو. بخار ايترو ته وڌيو، جو منهنجو ٻت رڪڻ لڳو. هٿن پيرن ٽنگن ۾ ڏڪڻي جا دورا پوڻ لڳا. جيئن تيئن ڪري جهانسي پهتا سين. پر منهنجو حال ايڏو ته خراب هو جو وڌيڪ سفر ڪرڻ جهڙو ڪونه هوس. مجبورن جهانسي جي سرڪاري اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جو خيال آيو. جهانسي اسٽيشن تي لهي اسپتال جي پڇا ڪرايم. ۽ ڪنهن طرح آٽو رڪشا ڪرائي اسپتال پهتا سين. ڊاڪٽرن ٻڌايو ته دماغي بخار آهي، علاج ۾ جيڪڏهن دير ڪئي ويندي ته بيهوش به ٿي سگهجي ٿو. مون چيو ته توهين مون کي ايڊمٽ ڪريو ۽ علاج ڪريو. آئون ڪوشش ڪريان پيو ته گهر وارن سان رابطو ٿي پوي، دوائن جا پئسا توهان

کي ادا ڪري ڇڏيندس. اسپتال ۾ آئون ڏهہ ڏينهن داخل هوس, اسپتال جي ڊاڪٽرن رحم کائي, اسان جي کاڌي جو انتظام بہ اسپتال مان ڪرائي ڏنو . انهن ساري عرصي ۾ منهنجي اهليہ منهنجي گهروارن توڙي سندس گهروارن کي فون ڪرڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندي رهي, پر رابطو ڪونہ ٿي سگهيو.

طبيعت ڪجهہ ٺيڪ ٿي تہ ڊاڪٽرن اسان کي سفر ڪرڻ جي اجازت ڏني. اسين اسٽيشن پهتاسين, تہ اتفاق سان اهو ساڳيو ٽي سي, جيڪو اسان کي ڀوپال مان وٺي آيو . هو سو اسان کي اسٽيشن تي ملي ويو . هن جي ٽرين ٻہ ڪلاڪ ليٽ هئي, مون هن کي سچاٽي عرض ڪيو تہ هو اسان کي ڪٽهار جي گاڏيءَ ۾ وهاري ڇڏي. هو ويچارو پنهنجن ساٿين جي تلاش ۾ هو , ٿوري دير ۾ اهي هن کي ملي ويا. ٻن ڪلاڪن ڪانپوءِ ٽرين هلڻ واري هئي, هن اسان کي گاڏيءَ ۾ وهاري ڇڏيو . رستي ۾ وري مون کي بخار اچي ورتو, منهنجي بدن جي حالت وري اها ساڳئي ٿي وئي, ڏڪڻيءَ جا دورا لڳاتار ٿيڻ لڳا, ڏاڍي تڪليف سان ڪٽهار تائين جو سفر پورو ٿيو . انهيءَ تڪليف جو بيان ڪرڻ ڏکيو آهي. ڪٽهار مان گهٽيون گاڏيون ڪلڪتي ويون ٿي, مون هڪڙي ٽي سيءَ سان ڳالهايو . پر هو اسان کي بنا ٽڪيٽ وٺي وڃڻ لاءِ تيار نہ ٿيو . منهنجي کيسي ۾ ڪل تيرنهن روپيا بچيا هئا, ٻارن رات کان ڪاڏو ڪونہ کاڌو هو, بک وگهي روئڻ لڳا, مون گهرواريءَ کي تيرنهن روپيا ڏنا تہ ٻارن لاءِ ماني وٺي اچ, هو دال پت وٺي آئي. ٻارن ۽ گهرواري کاڌو کاڌو , اسٽيشن تي فقيرن وانگر , ڪيترن ڏينهن جي ميرن ڪپڙن ۾ ٻارن کي دال پت کائيندي ڏسي مون کان روئڻ جهليو ڪو نہ ٿيو . ڏاڍو رنس, منهنجي روئڻ جي ڪري منهنجي مالڪ کي مون تي ڪهل پئي, ۽ نہ رڳو هن مون کي هن امتحان ۽ مشڪلات مان ڪڍڻ جو فيصلو فرمايو پر مرڻ ڪانپوءِ دوزخ ۾ وڃڻ کان بہ بچائڻ جو فيصلو فرمايو . انشاء الله .



سوال: دال پت کائيندي ڏسي, روئڻ جو مطلب ڇا هو؟

جواب: هائو , مطلب آهي. آئون پليٽ فارم تي جتي ليٽيو پيو هوس, اتي منهنجا ٻار منهنجي آڏو کاڌو کائي رهيا هئا. بخار وڌي وڃڻ جي ڪري آئون ڪنجهيس پئي, منهنجو بدن بہ ڏڪيو پئي, ان وقت مالڪ سائين منهنجي سمورين بيمارين جي مسيحا کي منهنجي سامهون آڻي وهاريو . توهان جو والد صاحب مولانا ڪليم صاحب, بهار جي سفر تان موٽيو هو ۽ کيس ڪٽهار کان راجڌاڻي ايڪسپريس ذريعي وڃڻو هو. گاڏي چار ڪلاڪ ليٽ هئي, جيڪي ماڻهو مولانا صاحب کي اسٽيشن تي ڇڏڻ آيا هئا, تن کي ٽرين ذريعي واپس موٽڻو هو . مولانا صاحب انهن کي زور ڀري واپس موڪلي ڇڏيو ۽ پاڻ گاڏيءَ جي انتظار ۾ پليٽ فارم تي ويهي رهيو ۽ منهنجي سامهون بينچ تي اچي ويٺو , مون کي ڇنگهندي ڏسي مون ڏانهن آيو , ان وقت آئون روئي رهيو هوس. مولانا صاحب مون کان ڇنگهڻ جو سبب پڇيو , پر آئون پنهنجي خراب حالت جي ڪري ڳالهائي ڪونہ سگهيس. منهنجي زال کيس منهنجي تڪليف ٻڌائي. مولانا صاحب اسان جي پريشاني ٻڌي پاڻ بہ روئڻ لڳو. پنهنجي ساٿي کي سامان سنڀالڻ جو چئي, پاڻ اسٽيشن کان ٻاهر ويو ۽ ميڊيڪل اسٽور تان دوا وٺي آيو . ۽ ساٿيءَ کي چئي چانهن جي اسٽال تان کير گهرائي, پنهنجن هٿن سان کير سان مون کي دوا کارايائين, ۽ پنجن ڏينهن جي دوا ڏار اسان کي ڏنائين, ٿوري دير ڪانپوءِ بدن جي سور کي آرام اچڻ لڳو . مون کي چوڻ لڳو ادا سائين, مون کي شرم پيو ٿئي, پر آئون توهان کي عرض ٿو ڪريان تہ توهين هڪڙي ڪندي اسان جا مائٽ آهيو , ڀاءُ آهيو . توهان جي جاءِ تي اهڙو حادثو مون سان بہ ٿي سگهي ٿو , توهين مون کان هي ٻہ هزار روپيا قرض وٺو , قرض انهيءَ لاءِ پيو چوان تہ توهين وڏا ماڻهو آهيو , توهان کي متان منهنجي ڳالهہ ڏکي لڳي, نہ تہ منهنجي دل چوي ٿي تہ هي ٻہ هزار توهان کي تحفو ڪري ڏيان, مهرباني

ڪري قبول ڪريو. آئون بيان نٿو ڪري سگهان تہ منهنجي اندر ۾ ڪهڙي عجيب حالت ٿي هئي. مون خيال ڪيو تہ هيءَ ڪو ايشدوت (غيبي فرشتو) آهي، جيڪو هڪڙي اڻسڃاڻو سان اهڙو وهنوار پيو ڪري. ڪيترن ماڻهن کي اهو حال ٻڌايو هوم، پر بس ٽيڪسي واري کي برو ڀلو چوڻ ۾ هائي وائي ڪرڻ کان وڌيڪ ڪنهن کي بہ ڪو خيال ڪونہ ٿيو.

هي غيرمذهب مسلمان مون کي ڪيئن پيو هي رقم ڏئي، ڏئي ڪونہ پيو، پر جيئن مون کان خيرات پيو گُهري، مون ڪيس چيو تہ اسان کي پئسن جي برابر ضرورت آهي، اسين انڪار نٿا ڪري سگهون، پر پنهنجو ڏس پتو ٻڌايو تہ گهر پهچي، هيءَ رقم توهان کي مني آرڊر ڪري ڇڏيان. مولانا صاحب چيو پئسا تہ رکو، باقي پتو لکي ٿا ڏيون، ۽ پنهنجي ساٿيءَ کي چيائين تہ، ماستر صاحب کي اسان جو پتو لکي ڏئي. ۽ سندس ڪن ۾ ڪا ڳالهہ چئي اٿي هليو ويو، ۽ ٻارن لاءِ آئسڪريم ۽ ڪيلا وٺي آيو. ٻارن وٽڻ کان نہ نہ پئي ڪئي، پر مون انهن کي چيو تہ، پٽ! وٺو، هي توهان جو اصلي انڪل آهي. آئون مولانا صاحب کي پتو لکي ڏيڻ لاءِ چوندو رهيس، پر هو ڳالهہ ٽاريندو رهيو، اجهو لکيو ٿا ڏيون، اجهو لکيو ٿا ڏيون. مون جڏهن زور ڀريو تہ چوڻ لڳو، ادا، توهين ڀُوليندا تہ آئون ملي ويندس، ڇا توهين پنهنجي مائٽ ڀاءُ کي بہ نٿا ڀُولي سگهو ؟ ايتري ۾ اسان جي گاڏي بہ اچي وئي، ٽڪيٽ انهن پئسن مان مولانا جو ساٿي وٺي آيو، اسان کي گاڏي ۾ چاڙهي ڇڏيائون، مون ايڊريس لاءِ چيو تہ مولانا صاحب جي ساٿي ماستر جمشيد صاحب پنهنجي بيگ مان تڪڙ مان هڪڙو ڪتابڙو ڪڍيو ۽ مون کي ڏنائين تہ هي مولانا صاحب جو لکيل ڪتاب آهي، هيٺئين پاسي حضرت جو پتو لکيل آهي. ڏينهن جو وقت هو، اسين رزرويشن جي ڏٻي ۾ خالي ڏسي ويهي رهيا سين ۽ پتو ڏسڻ لاءِ ڪتاب ڪڍيم. ڪتاب جو نالو هو ”توهان جي امانت، توهان جي خدمت ۾“ ڪتاب جي شروعات ۾ بہ لفظ مولانا وصي



صاحب جا لکيل هئا. مولانا صاحب جو تعارف ان ۾ هو. جيئن تہ اسين هن فرشتہ صفت انسان کي ڏسي آيا هئا سين، تنهن ڪري ڪتاب ۾ لکيل اکر اکر دل تي اڪرندو ويو. بخار ۾ مون پورو ڪتاب پڙهيو، پوءِ پنهنجي زال کي ڏنم. هن بہ ان جو لفظ لفظ ڪري پڙهيو. چوڻ لڳي، مولانا صاحب هي ڪتاب اسٽيشن تي ڏئي ها تہ وڌيڪ چڱو ٿئي ها. دوا جو ٻيو وزن مون ريل ۾ ورتو، دوا جادو جو اثر ڪيو ۽ ڪلڪتي پهچي ايئن لڳو ڄڻ آئون بيمار ئي ڪونہ هوس. آئون ۽ منهنجي زال ٻئي ”توهان جي امانت“ ڪتاب جي لفظ لفظ جا شڪار ٿي چڪا هئا سين، سچائي ۽ محبت جي پيغام جي آڏو اسين پاڻ کي بيوس محسوس ڪري رهيا هئا سين. ڪلڪتي لهي مون پنهنجي گهر واريءَ کي چيو تہ منهنجي طبيعت هاڻي ڪافي ٺيڪ آهي، دل چوي ٿي تہ گهر وڃي پئسا کڻان ۽ اڄ ئي مظفر نگر هليو وڃان ۽ ڪجهہ وقت مولانا سان گڏ رهان. گهرواريءَ چيو تہ دوا پوري ڪريو ان کان پوءِ هليا وڃجو. اسين گهر پهتا سين، طبيعت بلڪل ٺيڪ ٿي وئي، زال چيو تہ پئسا ڀهرئين مني آرڊر ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ ٻن چئن ڏينهن کان پوءِ موڪل وٺي ملڻ هليا وڃجو، مني آرڊر ڪرڻ لاءِ ڪتاب ڳوليو سين تہ پتو لکون، پر خبر ناهي تہ شيطان ڪتاب ڪٿي لڪائي ڇڏيو، جو ٻن ڏينهن تائين اسين ٽيڙ اٿلائيندا پٿلائيندا رهيا سين، پر ڪتاب ڪونہ لڌو.

مون کي ايترو تہ ضرور ياد هو تہ مولانا صاحب جو نالو محمد ڪليم آهي، پر مظفر نگر جي بدران مظفر پور پئي چيم. هڪ ٻن ماڻهن کان پڇيم تہ انهن ٻڌايو تہ مظفر پور يو پي ۾ ڪونهي، بهار ۾ آهي. انهيءَ اڻ تڻ ۾ مظفر پور بهار جو ٽڪيٽ وٺي ڇڏيم. هڪڙي ڏينهن يو پيءَ جو هڪڙو ماڻهو گڏيو، ان کان پڇيم تہ يو پيءَ ۾ ڪو مظفر پور ضلعو آهي ڇا؟ هن چيو تہ اتي مظفر نگر آهي، مظفر پور ڪونهي. مظفر نگر ٻڌي ياد آيم تہ اهو پتو صحيح آهي، هن چيو هو تہ مظفر نگر لاءِ ڪابہ گاڏي ڊائريڪٽ ڪانہ ٿي

وڃي، توهان کي پهرين دهلي يا سهارنپور وڃڻو پوندو. اتان کان مظفر نگر لاءِ بس يا ٽرين ملي سگهي ٿي، مون دهليءَ جي رزرويشن ڪرائي ۽ 27 آڪٽوبر تي دهلي ۾ دهليءَ کان مظفر نگر پهتس. اسٽيشن تي هڪڙو ميانجي مليو. مون هن کان پڇيو ته توهين مظفر نگر ۾ مولانا ڪليم صاحب کي سڃاڻو ٿا؟ هن چيو ته مولانا صاحب مظفر نگر ۾ نٿو رهي، توهان کي ڪتولي ۾ اتان ڦُلت وڃڻو پوندو. اسٽيشن کان بس اڏي پهتس، ڪتوليء جي بس ۾ ويٺس. پرسان هڪڙو نوجوان مولوي صاحب ويٺو هو. ان سان ڳالهه ٻولهه ٿي ته خبر پئي ته هو ڦلت جي مدرسي ۾ رهي ٿو. رزرويشن لاءِ مظفر نگر آيو هو. هن کان معلوم ٿيو ته هن وقت مولانا صاحب ڦلت ۾ ڪونهي، پنجاب ڏانهن سفر تي ويل آهي. هن صاحب سان آئون ڦُلت پهتس. مولانا صاحب جي گهر ويس. اتان خبر پئي ته مولانا اڄ رات پهچندو. انتظار جو مزو ورتم. مولانا صاحب رات جو هڪ وڳي آيو. آئون جاڳيس پئي، ملاقات ٿي، مولانا صاحب يڪدم سڃاتو. مون کي نيڪ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سپاڻي ملاقات جو چئي گهر هليو ويو. ٻئي ڏينهن صبح جو 9وڳي ملاقات ٿي، مون اڏار ورتل رقم پيش ڪئي، مولانا صاحب چوندو رهيو ته اها رقم توهان جي لاءِ پيٽا (تحفو) آهي، قبول ڪريو ته مون کي خوشي ٿيندي. توهان رڳو پئسا ڏيڻ لاءِ ايڏو ڊگهو سفر ڇو ڪيو. اهي پئسا ته آئون پاڻ وٺي وڃان ها. وري ڪلي ڇوڻ لڳو ته توهان ڳولڻ چاهيو ته نيٽ ڳولي لڌو نه. بنا ايڊريس جي. مون چيو ته توهان کي ڪيئن خبر پئي ته اسان کان پٽي وارو ڪتاب وڃائجي ويو هو. مولانا چيو. ڪهڙو ڪتاب؟ اصل ۾ اسان توهان کي پنهنجو پتو ڏيڻ نٿي چاهيو. مون چيو ته توهان جي ساٿي گاڏي هلڻ وقت توهان جو ڪتاب "توهان جي امانت، توهان جي خدمت،" ڏيئي ڇڏيو هو. اهو اسان پڙهي ڇڏيو آهي ۽ ڪتاب اسان کي شڪار ڪري ڇڏيو آهي، اهو



ڪتاب گهر پهچڻ تي خبر ناهي ته ڪيڏانهن هليو ويو. مون سڄو احوال سربستو ڪري ٻڌايو، مولانا صاحب ڏاڍو خوش ٿيو.

فرمايائين ته ڪتاب "امانت" پڙهڻ ڪانپوءِ توهان ڪهڙو فيصلو ڪيو. مون چيو. توهان جو ٿي آيو آهيان، جيئن وڻيوَ تيئن ڪريو يا ڇڏي ڏيو. مولانا صاحب فرمايو ته منهنجي بنجڻ مان ته ڪم ڪونه ٿيندو. جنهن پيدا ڪيو آهي، تنهنجو بنجڻ سان ڪم ٿيندو. مون چيو ته انهيءَ لاءِ ئي ته توهان وٽ آيو آهيان. مولانا صاحب چيو ته ڪلمو ته توهان پڙهي ڇڏيو آهي نه؟ مون چيو ته ڪتاب ۾ ته پڙهي ڇڏيو اٿم، توهان به پڙهائي ڇڏيو.

مولانا صاحب 29 آڪٽومبر تي صبح جو ساڍي نوين مون کي ڪلمو پڙهايو. مولانا صاحب منهنجو نالو عبدالواحد رکيو. مولانا صاحب مون کي چيو ته ڇا پاپي به اهو ڪتاب پڙهيو آهي؟ مون چيو. هن ٽي دفعا پڙهيو آهي. مولانا پڇيو. هاڻي سندس ارادو ڪهڙو آهي؟ جيڪو ارادو منهنجو آهي، سو ئي هن جو آهي. ٿورا ڪتاب مولانا صاحب گهرائي مون کي ڏنا. هڪڙو ڏينهن رهي،آئون ڪلڪتي واپس آيس. مولانا صاحب جي مشوري تي ڪلڪتي مرڪز ويس، اتي علي ڳڙهه جي هڪڙي جماعت آيل هئي. ان سان گڏ چاليهه ڏينهن گذاريم. الحمدلله، اهي چاليهه ڏينهن مون لاءِ ڏاڍا مفيد ثابت ٿيا. نماز پوري طرح ياد ٿي وئي ۽ ٻيون ضروري ڳالهيون به معلوم ٿيون.

سوال: توهان جي گهر واريءَ جو ڇا ٿيو؟

جواب: الحمدلله، ڪيس وٺي ڦلت ويس ۽ اتي ڪلمو پڙهارايم ۽ هئو ڏاڍي خوش ٿي.

سوال: اسلام قبول ڪري توهين ڇا ٿا محسوس ڪريو؟

جواب: اسلام ملڻ سان آئون بيان نٿو ڪري سگهان ته مون کي ڪيڏي خوشي ٿي. هاڻي آئون ان ٽيڪسي واري کي دعائون ڪريان ٿو ته جيڪڏهن هو اسان جو سامان ڪٽي نه وڃي ها ته منهنجو ڇا حال ٿئي ها؟

منهنجي الله جي رحمت مٿان، قربان وڃان ڪوڙيون ڦُرائي، اسان جي دل جي تجوڙيءَ کي ايمان جي خزاني سان ڀري ڇڏيائين. اسين ٻئي جڏهن وهون ٿا تہ بس انهيءَ ڳالهہ تي شڪر ادا ڪريون ٿا تہ الله، اسان جو سامان ڦُرايو ، اسان کي ايمان ۾ مالدار ڪرڻ لاءِ ، ڪفر ۽ شرڪ جي موت کان بچائڻ ۽ شفاء عطا ڪرڻ لاءِ ، احمد ڀاءُ ، سچ آهي تہ الله جي رحمتن جو ڪاٿوئي ڪونهي.

سوال: هڪڙو سوال آهي تہ توهان کي بابا سائين جن جي همدردي ۽ اخلاق متاثر ڪيو هو يا ڪتاب "توهان جي امانت" يا اسلام جي سچائي وڌيڪ متاثر ڪيو؟

جواب: احمد ڀاءُ ، اهڙي سخت مصيبت ۾ هڪ اڻواقف سان مولانا صاحب جي ان همدردي اسان کي متاثر ڪيو ، پر اسلام قبول ڪرڻ جو سبب اها همدردي ئي ٿي، ائين ٿيو جو بي غرض همدردي جي ڪري اسان جي دل ۾ مولانا جي همدردي تي اعتماد پيدا ٿيو، ۽ اسان ڪتاب "توهان جي امانت" کي پنهنجي هڪ همدرد ۽ سچي خير خواهہ جي ڳالهہ سمجهي پڙهيو، اسلام قبول ڪرڻ تہ اسلام جي حقانيت ۽ انساني فطرت جي ويجهو توحيد ۽ اسلامي نظريو ٿيو . همدرديون تہ ماڻهو گهڻي ئي ڪندا آهن، پر ان لاءِ ڪير ٿو پنهنجو مذهب بدلائي. اسان جي دل ۾ اهو خيال پيدا ٿيو تہ اسلام جي حق هئڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ ان هڪڙي انسان کي فرشتو بنائي ڇڏيو آهي تہ اهو اسلام اسان کي بہ اختيار ڪرڻ گهرجي، اهو اسان جو بہ حق آهي.

سوال: هاڻي پنهنجن ٻارن جي تعليم لاءِ ڇا پيا ڪريو؟

جواب: هن وقت منهنجا ٻچا انگلش ميڊيم اسڪول ۾ پڙهن پيا ۽ اسان هڪڙي مولانا صاحب کي ٽيوشن لاءِ رکيو آهي، ٻار ۽ اسين روزانو رات جو قرآن مجيد، دينيات ۽ اردو وغيره پڙهون پيا.



سوال: مٿن مائٽن توهان جي اسلام جي مخالفت تہ ڪانہ ڪئي؟

جواب: تمام گهڻي. جڏهن بہ ڪنهن مخالفت ڪئي ٿي تہ اسان ڪيس سمورو قصو ٻڌايو ٿي. اسان جي هڪڙي چاچا جيڪو اسان جي مسلمان ٿيڻ تي ڏاڍو ڪاوڙيل هو ، ڪيس جڏهن اسان اهو واقعو ٻڌايو تہ چوڻ لڳو ، پٽ ! توهان تمام سٺو ڪيو ۽ اهو ڪتاب مون کي بہ ڏيو . هو ديناجپور اسٽيشن تي پوسٽيڊ هو ، مون جڏهن ڪيس "توهان جي امانت" ڪتاب ڏنو . مولانا صاحب جي مشوري تي آئون هن وٽ سفر ڪري ويس. رات جو ٻين وڳي تائين آئون هن کي منٿون ڪندو رهيس، الحمدلله، ان رات ٻين وڳي هن ڪلمو پڙهيو . الحمدلله اسان جي خاندان جا پنجاهہ کان وڌيڪ ماڻهو مسلمان ٿي چڪا آهن.

سوال: رسالي ارمغان، جي پڙهندڙن لاءِ ڪو پيغام ڏيو .

جواب: محبت سان ٽمٽار دل، نبين وانگر بنا لالچ ۽ اسلام جهڙو حق هٿ ۾ هجي تہ پوءِ ڪو بہ سخت کان سخت ماڻهو بہ اهڙو ڪو نہ هوندو، جيڪو جو ايسر نہ هجي، تنهنڪري اسان کي انسانيت جو حق ادا ڪرڻ گهرجي.

سوال: ماستر صاحب توهان جو تمام گهڻو شڪريو . السلام عليڪم ورحمتہ الله.

جواب: توهان جو بہ شڪريو ، اسان جي ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ . وعليڪم السلام ورحمتہ الله و برڪاته.

# ماحولياتي آلودگيءَ جي سمجھاڻي ۽
## ان بابت اسلام جو نقطہ نگاہ

قرآن مجيد ۽ حديث نبويءَ ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي طهارت، نظافت ۽ تزڪيي جا لفظ نظر اچن ٿا. اهڙي طرح رجز، پاڪيزگي، خبث ۽ خبائث جهڙا بہ بيشمار لفظ قرآن ۽ حديث ۾ ملن ٿا، جنهن مان اها حقيقت معلوم ٿي رهي آهي تہ اسلام هڪ اهڙو دين آهي، جنهن ۾ پاڪائي ۽ صاف سٿري صحتمند زندگيءَ جو خوبصورت عڪس جهلڪندي نظر اچي ٿو . اهو ئي سبب آهي، جو اسلام ۾ صفائي کي ايمان جو جزو يا نصف ايمان قرار ڏنو ويو آهي. حديث نبوي ﷺ آهي تہ "پنهنجا ڪپڙا پاڪ رکو ۽ غلاظت کان پرهيز ڪريو" ان جي پيٽ ۾ هر قسم جي آلودگي مثال طور غلاظت، گندگي ۽ ناپاڪي اسلام جي نظر ۾ انتهائي ناپسنديده ۽ قابلِ نفرت آهي ۽ ان کان پنهنجي آس پاس جي ماحول کي هر طرح پاڪ ۽ صاف رکڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.

هتي اسان کي اهو معلوم ڪرڻو آهي تہ ماحوليات ڪهڙي شيءِ جو نالو آهي؟ ۽ ماحوليات جون ڪهڙيون حدون آهن؟ اسلامي تعليمات جي گهري مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ماحول عربي زبان جو لفظ آهي ۽ ماحوليات ان لفظ جو جمع آهي، جنهن جو مفهوم انسان جي آس پاس ۾ موجود حالات ۽ واقعات آهن، جن ۾ انسان زندگي گذاري ٿو ۽ هڪٻئي سان ڏيتي ليتي ڪري ٿو يا ملي جُلي ٿو ليڪن اهي حالات ۽ واقعات مذهبي بہ ٿيندا آهن، اخلاقي بہ ٿين ٿا، مادي ۽ اقتصادي بہ ٿي سگهن ٿا تہ سياسي،



سماجي، تعليمي، جاگرافيائي، انفرادي، اجتماعي، سڀ ۽ خراب بہ ٿي سگهن ٿا.

حاصل مطلب تہ اهي سمورا حالات ۽ واقعات انسان لاءِ اهڙيو ماحوليات مهيا ڪن ٿا، جن ۾ انسان لامحالا زندگي بسر ڪري رهيو آهي، پر اسان وٽ اڪثر ڪري ماحولياتي آلودگي (Enviromental Pollution) کي هوا جي آلودگي (Air Pollution) پاڻيءَ جي آلودگي (water Pollution) دز ۽ مٽيءَ جي آلودگي (Dust Pollution) تائين محدود سمجهيو پيو وڃي ۽ اڪثر ڪري فيڪٽرين مان اُٿندڙ دُونهين سبب اوزون ليئر ۾ پوندڙ شگاف جو دليل ڏئي ماحولياتي گدلاڻ کي ثابت ڪيو ويندو آهي، ليڪن بدقسمتيءَ سان اخلاقي آلودگي (Moral pollytion) مذهبي آلودگي (Religious Pollution) اقتصادي آلودگي (Ecomomic Pollution) سياسي آلودگي (Political Pollution) تعليمي آلودگي (Educational Pollution) ۽ سماجي آلودگي (Social Pollution) تي تمام گهٽ ماڻهن جي نظر آهي. هڪ مخصوص نظريي تحت بعض ماڻهو رڳو فيڪٽرين مان اٿندڙ دُونهين کي آلودگيءَ ۾ شامل سمجهن ٿا، حالانڪ ائين هرگز ناهي.

ماحولياتي آلودگيءَ کان انسان ٻن طريقن سان متاثر ٿئي ٿو. هڪ ذهني ۽ اخلاقي طور تي ۽ ٻيو جسماني طور تي. ذهني، اخلاقي ۽ جسماني طور تي انسان ماحول کان منفي طور تي ان وقت متاثر ٿيندو آهي. جڏهن اقتصادي حالتون ناهموار ۽ ناموافق هونديون آهن ۽ انسان زندگيءَ جي بنيادي ضرورتن کان وانجهيل هوندو آهي، بدامنيءَ جو بول بالو هوندو آهي. فرقيواريت چوٽ تي چڙهيل هوندي آهي، لاديني، ڪفر، بي حيائي، وياج خوري ۽ فحاشي اڳتي وڌيل هوندي آهي تہ انسان ذهني، اخلاقي ۽ جسماني طور اهڙي ماحول کان بري طرح متاثر ٿيندو آهي. جتي عوام الناس کي

مناسب خوراڪ نہ ملندي هجي، لباس مهيا نہ ٿي سگهي، ماڻهن کي سرديءَ ۽ گرميءَ کان سر بچائڻ لاءِ مناسب اجهو نہ هجي، جهالت ئي جهالت هجي، هر طرف ڳائڻ وڄائڻ ۽ غزل گانن جو شور شرابو هجي، ميڊيا اگهاڙپ، عرياني ۽ فحش فلمن جو نالو هجي، لائوڊ اسپيڪرن جا پريشر ۽ چرڙاٽ ڪنن جا پردا ڦاڙيندا هجن، معصوم ٻارڙا غربت ۽ تنگدستيءَ وگهي گندگيءَ جي ڍيرن تان فالتو شيون ۽ اوباريل ڪاڌو تلاش ڪندي نظر ايندا هجن، انساني وسندين جي وچ ۾ بدبودار پاڻيءَ جا تلاءَ موجود هجن، نشي جو واهپو روز جو معمول بڻيل هجي، غريب ۽ امير جي وچ تي اسٽيٽسڪو جون آهنيون ديوارون ڪڙيون ٿيل هجن، قبيلائي، تڪرارن ۽ رتوڇاڻ جو ڪوانت نظر نہ ايندو هجي ۽ والدين جي احترام ۽ عزت توڙي معصوم ٻارڙن سان شفقت وارو رويو معدوم ۽ منهدم ٿي چڪو هجي تہ اهڙي ماحوليات کي اسلام هرگز پسند نہ ٿو ڪري ۽ اسلام هرقسم جي ماحول کي پاڪ ۽ صاف رکڻ جي تاڪيد ڪري ٿو تہ جيئن انسان پنهنجي ماحوليات ۾ ذهني، اخلاقي ۽ جسماني طور تي خوش ۽ صحتمند نظر اچي سگهي ۽ هيءَ مانجهاندي جي ماڳ جهڙي چند ڏينهن جي زندگي آرام ۽ سڪون سان گذري سگهي.

دين اسلام فطري طور تي قرآن مجيد جو ۽ عملي طور تي حديث نبوي صہ جو نالو آهي. ان ڪري دين اسلام، انسان ذات جي لاءِ پرسُڪون، پرامن ۽ صاف سٿرو ماحول مهيا ڪرڻ جو مڪمل بندوبست ڪيو آهي. اسلامي تعليمات جي روشنيءَ ۾ ماحوليات جي پاڪيزگيءَ جي شروعات باطني، دلي ۽ ذهني صفائيءَ کان ٿئي ٿي. اسلام سڀ کان پهريان انسان جي دل ۽ ذهن کي هرقسم جي آلائشن کان پاڪ ۽ صاف ڏسڻ گهري ٿو ۽ ان ۾ حڪمت اها بہ



آهي تہ انسان جي دل ۽ انسان جو ذهن خيالات ۽ افڪار جو مرڪب آهي، جيڪڏهن هي عمدن ۽ نيڪ خيالن ۽ افڪار جو گهوارو آهي تہ ان حالت ۾ انسان کان سڻا ڪم سرزد ٿي سگهندا، پر جيڪڏهن دل ۽ ذهن کوکلي پڻ جو شڪار آهي يا مٿس فحاشي ۽ عريانيءَ جو غلبو حاوي آهي تہ پوءِ انسان جا ڪم بہ سڻا نہ هوندا. اسلام درحقيقت علاقائيت، قوميت، رنگ نسل، صنف، ذات پات ۽ زبان جي بنيادن تي انسانن جي اندر داخلي فرق پيدا ڪرڻ کي پڻ غلاظت ۽ آلودگيءَ سان تعبير ڪري ٿو ۽ انساني اخوت ۽ ڪامل ايمان جي بنيادن تي ڀائيچاري، رواداري، بقاءِ باهمي، سهپ، دوستانا ماحول ۽ پاڙيسريءَ جي حقن جي حفاظت ڪرڻ جي پڻ ترغيب ڏئي ٿو. اسلام حرص، ڪنجوسي، خود غرضي، لالچ ۽ جنگ وجدل توڙي خون ريزي ۽ رتوڇاڻ کي ختم ڪرڻ لاءِ سخاوت، نرم گوشي، عاجزي، خودداري، همدردي ۽ اتحاد جي تعليم ۽ تربيت کي اهميت ڏئي ٿو ۽ الله جي خلقيل مخلوق جي خدمت ۽ همدرديءَ لاءِ حقوق العباد ۽ الله جي خوش نودي حاصل ڪرڻ لاءِ اطاعت جي جذبي جي تلقين ڪري ٿو.

اسلامي نقطئہ نظر موجب استحصال، ڦرلٽ، چوري، ڌاڙو، ظلم، تشدد ۽ بدڪرداري بہ آلودگيءَ ۾ شمار ٿئي ٿي، جنهن جي اسلام ۾ ڪابہ گنجائش ڪانهي ۽ ان جي خلاف اسلام ۾ جهاد جو حڪم ڏنو ويو آهي. اسين سڀ اهو بخوبي ڄاڻون ٿا تہ صاف ذهن صاف جسم جي اندر ئي موجود هوندو آهي. حضرت محمد ﷺ مسلمانن کي حڪم ڏنو آهي تہ نماز جي ادائگيءَ وقت لباس، جسم ۽ جڳهہ جي پاڪائيءَ جو خاص خيال رکيو وڃي. اسلام ۾ جسماني پاڪيزگيءَ جي گهڻي تاڪيد ڪئي وئي آهي. ايستائين جو جنابت جي صورت ۾ غسل ڪرڻ لازمي قرار ڏنو ويو آهي. جنابت جي حالت

۾ نماز پڙهڻ، روزو رکڻ، مسجد ۾ داخل ٿيڻ ۽ قرآن مجيد جي تلاوت ڪرڻ کان پڻ روڪيو ويو آهي. ڏندڻ ڏيڻ سنت آهي ۽ ماحولياتي پاڪيزگيءَ جي ئي تناظر ۾ اسلام بدبودار شين جهڙوڪ ٿوم ۽ بصر کائي مسجد ۾ داخل ٿيڻ کان روڪيو آهي. نبي ڪريم ﷺ فرمايو آهي ته هر هڪ مسلمان لاءِ پنج عملي سرگرميون آهن. (1) ختنو ڪرائڻ، جيڪو جد الانبياءَ حضرت ابراهيم عليه السلام جي دين الاهيءَ جي پيروڪارن لاءِ واجب آهي. (2) زيرناف وارن کي تلف ڪرڻ (3) شهپر ڪترڻ، (4) بغلن جا وار صاف ڪرڻ، (5) ننهن وڍڻ پڻ اسلامي احڪامات جي روشنيءَ ۾ ضروري آهن. اسلام ۾ صفائي ۽ پاڪيزگيءَ جي اهميت جو اندازو ان مان به لڳائي سگهجي ٿو ته اسلام هڪ ساهيءَ مسلسل پاڻي پيئڻ کان روڪيو آهي، ان کان علاوه بيهي ڪاڌو کائڻ، بيهي پاڻي پيئڻ ۽ بيهي حاجت پوري ڪرڻ کان پڻ سختيءَ سان منع ڪئي وئي آهي. هڪ ساهيءَ مسلسل پاڻي پيئڻ کان روڪڻ واري حقيقت ۾ به حڪمت سمايل آهي، اها هيءَ ته هڪ ساهيءَ ۾ پاڻي پيئڻ سان ڪڏهن ڪڏهن پاڻي پيئڻ دوران ساهه کڻڻ جي ضرورت درڪار هوندي آهي ۽ ساهه وات جي بدران نڪ مان کنيو ويندو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ پاڻيءَ ۾ ملي ويندي آهي ۽ اهڙو عمل صحت لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندو آهي. اهڙيءَ ريت ڪاڌي جي ڪنهن شيءِ کي ڪليل رکڻ ۽ ڪنهن گرم شيءِ کي ڦوڪ ڏئي ٿڌو ڪرڻ کان به اسلام منع ڪري ٿو جنهن جو بنيادي ڪارڻ ان شيءِ ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو شامل ٿيڻ آهي. حضور ﷺ ماحوليات کي پاڪ ۽ صاف رکڻ لاءِ جيڪي احڪامات صادر فرمايا، انهن ۾ اهو به هڪڙو حڪم آهي ته پاڻيءَ ۾ پيشاب ڪرڻ ممنوع آهي.

دين اسلام جغرافيائي ماحوليات کي گدلاڻ ۽ غلاظت کان بچائڻ لاءِ زيرڪ مشاهدي تي ٻڌل احڪامات ڏنا آهن. اسلام ۾ رستي کي ڪنڊن،



پٿرن، رڪاوٽن ۽ مرده جانورن جي ملبي کي هٽائي صاف سٿرو رکڻ واري عمل کي ايمان جي شاخ قرار ڏنو ويو آهي جو بين ثبوت چٽو يا واضح ثبوت اهو آهي ته آنحضرت محمد ﷺ خود رستي مان تڪليف ده شيون هٽائي اطمينان محسوس ڪندو هو ۽ راهه گيرن کي اسلام عليڪم چوڻ ۽ سلام جو جواب ورائڻ کي نيڪيءَ جو درجو قرار ڏنائين. موٽر يا ٻي ڪنهن گاڏيءَ ۾ سفر ڪرڻ وقت ميون جون کلون يا فضول شيون رستي تي اڇلائڻ هڪ غيرمهذب ۽ ناپسنديده عمل آهي،جنهن سان ماحول گندگيءَ ۽ بدبوءِ ۾ مبتلا ٿئي ٿو . اسلام اهڙي غيرذميواراڻي عمل کي ڪنهن به صورت ۾ پسند نه ٿو ڪري، ان کان علاوه ڪوڙ ڳالهائڻ، ساڙ ۽ حسد ڪرڻ،توڙي منافع خوريءَ لاءِ تور ۾ خيانت ڪرڻ سان ماحول ۾ انارڪي ۽ اڻ ٻڻت جنم وٺندي آهي، ان ڪري اسلام انهن اوگڻن کي سختيءَ سان ننديو آهي. لبرل سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن ماحولياتي آلودگي جي باري ۾ دين اسلام جي ان نقطءِ نظر تي پوريءَ ريت ڪاربند آهي ۽ هي واحد سماجي ۽ فلاحي ادارو آهي. جيڪو عيسائي ۽ يهودي لابيءَ جي فنڊز کان اجتناب ڪري رهيو آهي ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت هر ظلم ۽ جبر جي خلاف صف بندي ڪري رهيو آهي. ”لسوا“ ماحولياتي آلودگيءَ جي سڀني قسمن کي اسلامي تعليمات جي روشنيءَ ۾ غيرفرقيواراڻي بنيادن تي رد ڪري ٿي ۽ سندس سرگرمين جو دائرو غير منافع بخش آهي، ان ڪري لسوا وارهه جي چيئرمين ذوالفقار علي تنيو طرفان خصوصي دلچسپيءَ جي بنيادن تي 180 اسڪولن ۾ قاعدي (سيپاره) پڙهائڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي ته جيئن اسان جو اپرندڙ نسل دين جي تعليم ۽ شعور کان روشناس ٿي سگهي ۽ پنهنجي ماحوليات کي لادينيءَ جي غلاظت ۽ گدلاڻ کان پاڪ ۽ صاف رکي صحتمند معاشري جا بنياد فراهم ڪري سگهي.

محمد موسيٰ ڀٽو
عنايت الله

ٽين قسط

# نفس ۽ ماديت خلاف جنگ ۾ ذڪر جو ڪردار

### پاڪستاني ملت جي حالت زار ۽ ان جو هڪ اهم سبب

اسان جي مُلڪ جي حڪمرانن ۽ سرڪاري مشينريءَ پاڪستاني ملت سان جيڪو حشر ڪيو آهي، اهو دشمن به پنهنجي مُخالف سان نه ڪندو آهي. ملڪ جي هر شهر ۽ ڳوٺ جي حالت اها ٿي وئي آهي ته هر محلي ۾ گندگيءَ جا ڍير آهن. گٽر اٿلن ٿا، رستا غلاظتن سان ڀريل آهن. روڊ ٺهڻ کان چند مهينن اندر ڀڄي ٽٽي ٿا پون. ماڻهو ورهين تائين عدالتن ۾ ڌڪا ٿاٻا ٿا کائن، انصاف نٿو ملي. ماڻهو ڪورٽن جون حاضريون ڀري ڀري مري ٿو وڃي. ڪنهن آفيس ۾ معمولي کان معمولي ڪم به رشوت بنا نٿو ٿئي. بي صلاحيت ۽ غريب ماڻهن کي وڌيڪ بکيو رکيو ٿو وڃي. ڊاڪٽر علاج ۽ آپريشن جي بهاني مريضن کي سڄو ڪري ٿا ڇڏين. جديد تعليمي ادارن ۾ داخلا جي في ايڏي وڏي وئي آهي، جو غريبن لاءِ في جي ادائيگي ممڪن ناهي رهي. حڪمرانن ۽ آفيسرن کي سدائين اهو فڪر آهي ته قوم جي وسيلن کي وڌ کان وڌ لُٽيو ڦريو وڃي.

نفسانفسي جي ان ماحول جي تبديلي ۽ اثر رکندڙ طبقن جي مزاج ۽ نفسيات جي اصلاح جي ڪا صورت ڪونهي، سياسي ۽ سماجي نوعيت جون تنظيمون ۽ ادارا خود مال ناهڻ ۾ پُورا آهن. اها ساري صورتحال انهيءَ ڪاڻ آهي، ته الله جي محبت جيڪو فطرت انساني جو لازوال نصب العيني جذبو آهي، تنهن کي تعليمي تربيت جي ادارن مان ڪڍيو ويو آهي. ان نصب العين هيٺ زندگيءَ جي تعمير الله جي ذڪر، اهل الله جي صُحبت سان ئي ٿي سگهي ٿي. ان جو اهتمام ۽ فڪر ناهي رهيو. ان ڪري ضمير مُرده ٿي ويا آهن، دليون ٺڪر ۽ پٿر ٿي ويون آهن.



مُسلم معاشرو صدين کان وٺي ايماني حميت ۽ ديني جذبي سان مُستحڪم رهيو آهي، هندستان ۾ هندي تهذيب (جيڪا هزارين سالن کان هتي اچڻ وارن مذهبن ۽ مذهب وارن کي پنهنجي تهذيب ۾ ضم ڪرڻ ۾ ڪامياب رهي آهي) ان سان اگر مسلمان مقابلو ڪري پنهنجي الڳ تشخص کي برقرار رکڻ ۾ ڪامياب رهيا آهن ته ان جو هڪ وڏو سبب اهل الله جون خانقاهون آهن. جن جي صحبت هيٺ توحيد جو عقيدو پُختو رهيو آهي. هاڻي اهل الله کان دُوري ۽ غلط گمانيءَ جي اها سزا آهي ته مغربي تهذيب اسان جي گهرن جو حصو ٿيندي ٿي وڃي ۽ مادي مفادن جي ڪري ملت جي مفادن ۽ اخلاقي قدرن کان دستبرداري تائين ڳالهه وڃي پهتي آهي.

### مصنوعي مادي زندگيءَ تي لعنت وجهڻ جي صُورت

موجوده دور ۾ عالمي سرمائيدار جي اثر هيٺ وجود ۾ ايندڙ مادي تهذيب، زندگيءَ جو نقشو ڪجهه اهڙي طرح بڻايو آهي، جو مادي وسيلن کان خالي ڪروڙين ماڻهن جي زندگي جنجال بڻيل آهي. مهنگائي چوٽ چڙهيل آهي، روزگار جا ذريعا محدود ٿي ويا آهن، ضرورتون وڏي ويون آهن، غريبن کي حقير سمجهڻ جي نفسيات غالب اچي وئي آهي، خوشحال ماڻهن جي طرفان معاشرتي زندگي ۾ اختيار ڪيل رنگ ڍنگ ۽ شادي وهانءَ تي تمام وڏا خرچ، انهن جي عياشين غريبن کي بکيو رکيو آهي، غريب، حسرت جي زندگي ٿو گذاري، اهڙي استحصال تي لعنت وجهڻ لاءِ ضروري آهي ته الله جي ذڪر ۾ پناهه وٺجي. ذڪر محرومن جي دلين کي آسودو ڪندو. حضور ڪريم ﷺ جن الله کان دعا گهرندا هيا ته ياالله، مون کي مسڪينن سان سان جيار ۽ مسڪينن سان خاتمو ڪر، ۽ آخرت منجهه مسڪينن سان گڏ اٿار- ان کان وڌيڪ غريبن لاءِ ٻي ڪهڙي سعادت ٿي سگهي ٿي، جو ڪين رسول الله صلي الله عليه وسلم جو ساٿ ملي وڃي. پر اها سعادت ڪثرت

ذڪر سان ئي حاصل ٿي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ تہ طبيعت ۾ حقيقي مسڪينيءَ جو رنگ الله جي ذڪر سان ئي پيدا ۽ مستحڪم ٿيندو آهي.

### قوم جي مغرب پرست طبقن جي اصلاح جي صُورت

قومن جي زندگي ۾ انهن جي ترقي، احساس ذمہ داري، فرضن جي ادائيگي، ۽ ذمي ٿيل ڪمن جي ادائيگيءَ سان آهي، انهيءَ حوالي سان اگر اسين پاڪستاني قوم جو جائزو وٺندا سين تہ خبر پوندي تہ قومي زندگيءَ جي هر شعبي سان وابستہ ماڻهن جي اڪثريت ڪم چور ۽ ڪم کان ڀڄڻ واري آهي. قومي زندگيءَ جو هر شعبو تباهيءَ جو منظر پيش ڪري رهيو آهي، اولهہ وارن پنهنجي قوم جي ماڻهن ۾ قومي اخلاق ۽ قانون جي حڪمرانيءَ جي صورت ۾ ان جو علاج ڪييو آهي. انهيءَ ڪري ماڻهو قومي ۽ رياستي ذميدارين جي عدم ادائيگي، ڪم چوري، ٽيڪس چوري وغيره کي تمام وڏو قومي جرم تصور ڪن ٿا. اهڙا ماڻهو سخت سزا جي لائق سمجهيا وڃن ٿا.

مغرب وارن جيئن تہ مذهب کان آزاد ٿي، عقليت جي بنياد تي ان مسئلي جو علاج تلاش ڪيو آهي، جنهن سبب ان ۾ هڪ حد تائين تہ هو ڪامياب ٿيا آهن، ليڪن مغربي معاشرو سچي مذهبيت ۽ سچي روحانيت کان محروميءَ جي ڪري وجداني، داخلي ۽ باطني طور تي هڪ وڏي بحران جي ورچڙهيل آهي. اهو سماج جنهن ۾ عورت ۽ مرد جي ازواجي زندگيءَ ۾ محبت ۽ وفاداري جو عنصر موجود نہ هجي، عورت، مڙس کان وڌيڪ ڪتي سان وفادار هجي، ٻار جي ڄمڻ کي پنهنجن عياشين جي راهہ ۾ رڪاوٽ تصور ڪيو ويندو هجي، ان معاشري مان اجتماعي زندگيءَ جو رنگ ۽ ڍنگ سکڻ عجيب ٿو لڳي. پر اسان جي قوم جي جديد طبقن جي حالت رحم جوڳي آهي، جو هو مغرب کان ان جون بُرايون سکڻ ۾ تہ فخر محسوس ڪن ٿا، پر انهن جي بهتر ڳالهين مان فائدو وٺڻ جي صلاحيت کان خالي آهن.

ملت جي هر شعبي جي ماڻهن ۾ سندن ذميدارين جو احساس پيدا ڪرڻ ۾ الله جي محبت ۽ ذڪر جو اهتمام اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.



ان جي صورت اها آهي تہ نظام تعليم جي روح ۾ الله جي محبت جي ڪم کي اهميت ڏني وڃي ۽ ذڪر کي انساني فطرت جو اڻٽر تقاضا ڄاڻي، ان کي تعليم ۽ تربيت جي نصاب جو حصو بڻايو وڃي. اهو ئي طريقو آهي، جنهن سان خود احتسابي جي سگهہ بہ پيدا ٿيندي تہ پنهنجن ذميدارين جي حوالي سان باطني حِس بہ تيز کان تيز ٿيندي ۽ روحاني سڪون جي نعمت بہ حاصل ٿيندي.

### رياستي ادارن کي تباهيءَ کان بچائڻ جي صورت

حقيقت اها آهي تہ نظام جي الله سان محبت جي نصب العين جي بنياد تي تشڪيل بنا، اسين نہ تہ مغربي انسان جيان فرض شناس افراد تيار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهون ٿا ۽ نہ وري ماده پرست ۽ نفس پرست آفيسرن، سياستدانن ۽ واپارين وغيره ۽ انهن هٿان ٿيندڙ رياستي ادارن جي تباهي کان بچي سگهون ٿا.

### الله جي محبت جي دنيا ۾ ڪشف ۽ ڪرامتن جي وڏي اهميت ناهي

الله جي محبت جي دنيا ۾ اصل شيءِ ذڪر آهي ۽ الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت آهي ۽ ان کي جاري رکڻ اهم آهي. ڪشف، الهام، ٻي دنيا جا مشاهدا يا اڳواٽ علم هجڻ ضروري ڪونهي، اها ڪا مقبوليت ۽ درويشيءَ جي علامت ناهي. ڪن بزرگن اجايو ان کي اهميت ڏني آهي. حالانڪ وڏن بزرگن جي نظر ۾ انهن شين جي اهميت حوصلہ افزائي کان وڌيڪ ناهي، ان سان طالب کي محبوب حقيقي ٻاران اهو باور ڪرائڻ آهي تہ اسان جي راهہ ۾ تنهنجو هلڻ، اسان کي پسند آهي، بس ايتري ڳالهہ آهي. حضرت مجدد الف ثاني رحہ تہ فرمائي ٿو تہ ڪشف، الهام ۽ ڪرامتن جي حيثيت ٻارن جي رانديڪن کان وڌيڪ ناهي، جا انهن جي دل وندرائڻ جي هڪ صورت آهي. هڪ ٻئي مڪتوب ۾ فرمائن ٿا، آئون ڪشف ۽ ڪرامتن کي هڪ جَوَ جي بدلي ۾ بہ خريد ڪرڻ لاءِ تيار ناهيان.

حقيقت اها آهي تہ سڀ کان وڏي ڪرامت هيءَ آهي تہ ذڪر ۽ اطاعت واري زندگيءَ تي استقامت نصيب ٿي وڃي، ۽ مادي زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ شريڪ ٿيڻ کان انڪار جي روش غالب اچي.

## جديد دور ۾ صحيح درويش نٿا لڀن؟

هن دور ۾ اڪثر اها شڪايت ڪئي وڃي ٿي تہ صحيح درويش ۽ الله وارا نٿا لڀجن. درويشي ۽ بزرگيءَ جي نالي تي دڪانداري چمڪائڻ واري ڳالھ عام آهي.

ان شڪايت جو حقيقت پسندانہ جائزو وٺڻ سان معلوم ٿيندو تہ ايئن حقيقت ۾ ناهي، اهو الله جي محبت جي دنيا کان فرار جو بهانو آهي. اڄ بہ حقيقي درويش، فقير ۽ الله وارا موجود آهن، هر شهر ۽ هر علائقي ۾ موجود آهن انهن درويشن کي اها ڳڻ ۽ فڪر لڳل هوندي آهي تہ الله جي عشق جي چڻنگ دلين ۾ دکائي وڃي، تہ جيئن نفس پرستي جي قوتن کان بچاءَ جي صورت پيدا ٿئي. پر ماڻهن تي ماديت جو رنگ ايڏو غالب آهي ۽ ميڊيا جون پيدا ڪيل خرابيون ايتريون آهن، جو الله جي سچي محبت جي طلب ۽ زندگي جي رنگ ڍنگ کي بدلائڻ جي خواهش ئي ختم ٿي وئي آهي. ان قسم جي صورتحال ۾ حقيقي درويشن ۽ فقيرن لاءِ ماڻهن کان پري پنهنجي دنيا وسائڻ ۽ ماڻهن جي حال تي رت جا ڳوڙها وهائڻ کانسواءِ ٻي واٽ ڪانهي.

## حقيقي الله وارا قيامت تائين هوندا

حقيقي الله وارا هميشہ رهيا آهن ۽ قيامت تائين رهندا، هيءَ دنيا هنن جي ڪري ئي قائم آهي، جي حقيقي طلب موجود هجي تہ هنن تائين پهچي سگهجي ٿو. اسان جو تجربو آهي تہ مارڪيٽ ۾ جنهن شيءِ جي طلب ختم ٿي ويندي آهي، اها شيءِ بہ اتان گم ٿي ويندي آهي، جيتوڻيڪ موجود هوندي آهي، پر گهربل ناهي هوندي تہ دستياب نہ ٿيندي آهي.

روايتي درگاهن جي خرابين جي ڪري، حقيقي درويشن ۽ فقيرن کان بدگماني ۽ ڪانئن دوري جي روش عقلمندي هرگز ناهي، ان سان معاشري ۾



وڌندڙ اخلاقي ۽ روحاني بگاڙ کي روڪڻ جون سڀ تدبيرون بي اثر ۽ ناڪام ٿي وينديون.

پير رومي ۽ سندس شاگرد اقبال جي چواڻي .

پير رومي فرمائن ٿا:

نفس نہ تواں الا ظل پیر
پیش مرد کامل پامال شو

(نفس جي قوت ڪمزور ناهي ٿيندي، حقيقي بزرگ ۽ درويش جي صحبت کان بغير، ان لاءِ ڪامل مرد جي سامهون پيش ٿي، پنهنجو پاڻ کي پامال ڪري ڇڏ).

اقبال چوي ٿو:

مت پوچھ شان ان فقیروں کی
ید بیضا لئے بیٹھے ہیں استینوں میں
تمنا درد دل کی ہو تو کر خدمت فقیروں کی
نہیں ملتا یہ گوہر بادشاہوں کے خزینوں میں

اڪابر ۽ اصاغر بزرگ سڀ ان ڳالھ تي متفق آهن تہ فردن جي سيرت ۽ ڪردار جي تعمير پاڪيزه درويش جي صحبت سان ئي ٿيندي آهي. جهڙيءَ طرح بُري صحبت سان سني کان سنو ماڻهو بہ برو ٿي ويندو آهي، تيئن صالح صحبت سان بُري کان برو فرد صالح ٿي ويندو آهي. بُري صُحبت پاڻ سان طاقتور منفي شعاعون آڻي ٿي. انهن منفي شعاعن کان بچي پاڪيزه ڪردار وارو ٿيڻ ممڪن ڪونهي. اهڙي طرح صالح صحبت سان پاڪيزه طاقتور شعاعن جي منتقليءَ جو عمل جاري ٿيندو آهي، جنهن سان فرد جي زندگي صالحيت جو نمونو بڻجڻ لڳندي آهي، الله جي اها سُنت آهي تہ فرد ۽ افراد جي نئين ۽ حقيقي زندگيءَ جي تخليق اهل الله جي صُحبت سان ئي ٿيندي آهي.

ان نڪتي کي نہ سمجهڻ جي ڪري ئي ملت، نفس پرستيءَ جي قوتن جي نذر ٿي زوال جو شڪار ٿي وڃي ٿي.

**اُمت ۾ اصلاح ۽ اصلاحي تحريڪن جو رستو ذڪر کان ٿيندو گذري ٿو**

اهو نڪتو سمجهڻ جي ضرورت آهي تہ امت ۾ پوين تيرنهن سئو سالن کان تجديد احياءِ دين ۽ دعوت واصلاح جون جيڪي بہ تحريڪون اٿيون آهن، سي سڀ زباني علماء جي، الله جي صحبت ۽ ذڪر جي حرارت ۽ ڪثرت ذڪر سان حاصل ٿيندڙ حميت دين جو نتيجو آهن. جنهن جو تفصيل مولانا علي ميان پنهنجي ڪتاب"تاريخ دعوت عزيمت" ۾ پيش ڪيو آهي. امام غزالي جي طرفان خالي عقل جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ گمراهيءَ جي تحريڪ خلاف جدوجهد، الله جي محبت ۾ استغراق ۽ ذڪر جي مرحلن مان گذرڻ بعد ئي ممڪن ٿي سگهي ۽ ڪاميابيءَ سان سرفراز ٿي، هندستان ۾ اسلام جي ڦهلاءَ ۽ ڏهن لکن کان وڌيڪ هندن کي اسلام جي دائري ۾ شامل ڪرڻ جو عظيم الشان ڪارنامو حضرت خواجہ معين الدين چشتي رحہ ئي سرانجام ڏنو . جيڪو سندس اهل الله جي صُحبت ۽ ذڪر جي نتيجي ۾ حاصل ٿيندڙ غيرمعمولي ايماني قوت جو نتيجو هئي.

حضرت مجدد الف ثاني رحہ اڪبر بادشاه جي سرپرستيءَ ۾ شروع ٿيندڙ الحادي تحريڪ خلاف ڪامياب جدوجهد ڪري، هندستان ۾ اسلام جي تحفظ جو عظيم الشان ڪارنامو سرانجام ڏنو . هن اهو تصوف جي پليٽ فارم تان ئي تہ ڪيو . شاه ولي الله محدث دهلوي کان وٺي سيد احمد شهيد ۽ مولانا محمد قاسم نانوتوي رحہ تائين تحفظ اسلام لاءِ جيترا بہ اهم ڪم ٿيا، تن سڀني ۾ ذڪر جي قوت ۽ تاثير ۽ صحبت اهل الله جو فيض ئي شامل هو .

**اهل الله جي سات سان شروع ٿيندڙ ذڪر جي اهميت**

ذڪر جو جيڪو سفر صحبت اهل الله ذريعي شروع ٿئي ٿو اهو پنهنجي طور تي شروع ٿيندڙ ذڪر کان ڪيترا ڀيرا وڌيڪ اهميت وارو هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهل الله جي صحبت جي نتيجي ۾ ٿيندڙ ذڪر سان فرد، نفسي قوتن جو وسيع جهنگ جهاڳي، ان ۾ لڪل هزارين بلائن کي



شڪست ڏئي "نفس مطمئنہ" جي مقام تي فائز ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ پنهنجي طور تي ذڪر ۽ ورد شروع ڪرڻ ۽ اهو مستقل مزاجيءَ سان ڪندو رهڻ، اهو بہ اصلاح نفس جي سلسلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو . ان جي نفي ڪرڻ غلط آهي. ليڪن درويشن جي ساٿ ۾ شروع ٿيندڙ ذڪر سان قدم قدم تي نفسي قوتن جو مشاهدو حاصل ٿئي ٿو ۽ انهن قوتن کان بچاءَ جي بہ بهتر کان بهتر صورت پيدا ٿيندي ويندي آهي. بزرگن جي صحبت جي برڪت سان طالب عرصي تائين محبوب حقيقي جي جلالي ۽ جمالي صفتن جي عڪس جي حالتن مان گذري، فنا کان حالتِ بقا جي مقام تائين پهچي وڃي ٿو .

درويشن جي صحبت جي سلسلي ۾ سمورن اڪابر بزرگن زور ڏنو آهي، انهن سڀني جو چوڻ آهي تہ اسان کي جيڪو ڪجهہ حاصل ٿيو . نفس مطمئنہ جي دولت، ديني خدمت جي سعادت، راهِ حق ۾ استقامت، ذڪر ۾ حاصل ٿيڻ وارو مَلڪو اهي سڀ درويشن جي صحبت جو ئي فيض هو . درويشن جي صحبت سان فرد ۽ افراد ۾ موجود انانيت ۽ شخصيت جو بُت ٽٽي وڃي ٿو . جڏهن تہ پنهنجي طور تي شروع ٿيندڙ ذڪر سان اهي نتيجا پوريءَ طرح حاصل نٿا ٿين. صحبت اهل الله جي سلسلي ۾ حضرت مجدد الف ثاني رحہ مڪتوبات ۾ جنهن تاڪيد سان ان تي زور ڏنو ويو آهي، هتي ان جا ڪجهہ اقتباسات پيش ڪجن ٿا:

مڪتوب نمبر109_ صہ 219 _ جلد اول، جيڪو حڪيم صدر ڏانهن لکيو هئائون، لکن ٿا:

"اهل الله دلي مرضن جا طبيب آهن. باطني مرضن جو دور ٿيڻ انهن بزرگن جي توجہ سان آهي. هنن جو ڪلام دوا آهي ۽ انهن جي نظر شفا آهي انهن جو همنشين بدبخت ناهي ٿيندو ۽ اهي ئي ماڻهو الله جا همنشين آهن. انهن جي ڪري ئي بارش پوندي آهي. ۽ انهن جي طفيل مخلوق کي رزق ڏنو وڃي ٿو . باطني بيمارين جا سردار ۽ اندروني بيمارين جا رئيس. جيستائين الله کان سواءِ ٻين شين ۾ گرفتاري آهي، تيستائين انهيءَ قيد کان پوري طرح آزادي حاصل نہ ٿيندي ۽ سلامتي محال آهي. "

مڪتوب نمبر 209_ جلد اول صہ 342 ۾ لکن ٿا:

” ۽ ڄاڻڻ گهرجي تہ حضرت خاتم الرسول عليہ الصلوات والسلام جي رحلت کان هزار سال بعد حضور صہ جي اُمت جا اولياء جيڪي ظاهر ٿيندا، توڙي جو هو ٿورا هوندا، پر اڪمل هوندا، تہ جيئن هن شريعت جي تقويت پوري طور تي ڪري سگهن.“

مڪتوب نمبر 106، جلد اول، ص 212 ۾ لکن ٿا:

”شيخ الاسلام هروي فرمائن ٿا تہ الاهي هي ڪهڙي ماجرا آهي، جا تون پنهنجن دوستن کي عطا ڪئي آهي، تہ جنهن انهن کي سُڃاتو تو کي حاصل ڪري ورتائون. ۽ جيستائين تو کي حاصل نہ ڪيائون ، هنن کي نہ سڃاتائون. الله جي انهن دوستن سان بغض رکڻ زهر قاتل آهي ۽ انهن تي تنقيد ڪرڻ هميشہ واري سلامتيءَ کان محرومي جو سبب آهي.

نجانا الله سبحانه واياڪم عن هذا الا بتلاع.

(الله تعاليٰ اسان کي ۽ اوهان کي ان مصيبت کان بچائي).

الاهي، جنهن کي تون پنهنجي دربار کان ڌڪارڻ گُهرندو آهين، ان کي تون اسان جو مخالف بڻائيندو آهين.

بے عنايات حق وخاصانِ حق
گر ملک باشد سياه هتش ورق!

ترجمو: بندگانِ حق ۽ حق جي عنايت کان سواءِ آهي عمل نامو ڪارو آهي.

جيتوڻيڪ فرشتو بڻجي وڃو.

مڪتوب نمبر 59، جلد اول صہ 133_ سيد محمود ڏانهن لکيو اٿن: ”پوءِ خوشخبري آهي، ان شخص لاءِ ، جنهن کي هنن جي يعني اهل الله جي پيرويءَ جي توفيق ٿي ۽ هنن جي تقليد جو شرف حاصل ٿيو . ۽ هلاڪت آهي ان شخص لاءِ ، جنهن هنن جي مخالفت ڪئي ۽ ڪانئن الڳ ٿي ويو . ۽ انهن اُصولن کان منهن ڦيريائين ۽ ان گروهہ کان نڪري ويو ، پوءِ هو پاڻ بہ گمراهہ ٿيو ۽ ٻين کي بہ گمراهہ ڪيائين. ان روايت ۽ شفاعت جو



مُنڪر ٿيو . ۽ صحبت جي فضيلت ۽ صحابہ جي بزرگي ڪانئس ڳجهي رهي. ۽ اهل بيت رسول الله صلي الله عليه وسلم ۽ اولادِ بتول رضہ جي محبت کان محروم رهيو ۽ اهو ان وڏي نيڪيءَ کان رُڪجي ويو ، جيڪا اهل سنت والجماعت حاصل ڪئي.“

صفحہ 134 تي لکن ٿا:

”پوءِ اولياء الله جو ڪجهہ ڪندا آهن، الله ڪارڻ ڪندا آهن، پنهنجي نفس لاءِ نہ. ڇو تہ هنن جا نفس خدا تي قربان ٿي چُڪا آهن. هنن لاءِ اخلاص کي خالص ڪرڻ ۾ نيت جو صحيح ڪرڻ ضروري ناهي. هنن جي نيت فنا في الله ۽ بقا باالله سان درست ٿي چُڪي آهي. مثال طور ڪوئي شخص جيڪو پنهنجي نفس ۾ گرفتار آهي، اهو جو ڪجهہ ڪري ٿو، پنهنجي نفس لاءِ ڪري ٿو . پلي نيت ڪري يا نہ ڪري ۽ جڏهن نفس جي قيد کان دُور ٿي، الله تعاليٰ جو قيد حاصل ٿي وڃي تہ ان حالت ۾ هو جو ڪجهہ ڪندو الله لاءِ ڪندو ، پلي نيت ڪري، نہ ڪري، نيت ظني امر ۾ درڪار آهي، يقينيءَ ۾ ان جي حاجت ناهي.

**موجوده دؤر جا ڀہ نوان جاگيردار طبقا**

اسان جي حضرت غلام مصطفيٰ رحہ جا خليفہ مجاز حضرت حڪيم محمد رفيق صاحب فرمائن ٿا تہ موجوده دؤ ر ۾ ٻہ نوان جاگيردار طبقا پيدا ٿي پيا آهن. هڪ ڊاڪٽرن جو طبقو ، ٻيو پيرن جي طبقو . سندن هي تجزيو هڪ حد تائين صحيح ٿو نظر اچي. مشهور روايتي درگاهن ۾ تہ اها صُورتحال آهي ئي، ليڪن بدقسمتيءَ سان ڪيترن صحيح فڪر وارن پيرن وٽ بہ جاگيردارانہ شان مان ۽ ٺٽ ٺانگر واري زندگيءَ جو رنگ غالب آهي. ذڪر جون مجلسون بہ آهن، سون جي تعداد ۾ خليفا بہ آهن. انهن خليفن وٽ بہ ذڪر جو ڪجهہ نہ ڪجهہ اهتمام ٿيندو آهي، تنهن جي باوجود بہ وڏا پير صاحب دولت سان ڪيڏي رهيا هوندا آهن. انهن وٽ مالدارن لاءِ دل جا دروازا هر وقت کليل آهن، جڏهن تہ غريب مُريدن ۽ عام ماڻهن جو انهن سان ملڻ مشڪل هوندو آهي.

ان قسم جا پير اُصولن جي خلاف ورزي يعني مالدارن سان دوستيءَ وارو تعلق رکڻ جي ڪري ئي اهڙي حال ۾ آهن. بزرگي، جا اُمت ۾ فقر محمدي جي جُزن سان تمثار ٿيڻ جو ذريعو رهي آهي، ان بزرگيءَ مان فقر کي ڪڍي ڇڏڻ بعد آخري بزرگيءَ جو ڪهڙو امتيازي شان باقي رهي ٿو؟

ان روش جي ڪري هڪ وڏو نقصان اهو ٿيو آهي ته تصوف ۽ اهل تصوف کي رد ڪندڙ علمي طبقن کي اهل تصوف خلاف فضا هموار ڪرڻ ۾ آساني ٿي آهي، ٻيو نقصان اهو ٿيو آهي ته تصوف جي نانءَ تي دڪانداري ڪرڻ ۽ دولت ڪمائڻ جي روش کي هٿي ملي آهي. ٽيون نقصان اهو ٿيو آهي ته انهن بزرگن سان لاڳاپيل مُريدن وٽ تصوف مان، فقر ۽ دنيا کان بي نيازي جهڙن بنيادي جوهرن کي ڪڍي تصوف کي صرف ذڪر ۽ فقر ۽ ظاهري شريعت جي اهتمام تائين محدود ڪيو آهي.

اگر صحيح الفڪر پير صاحبن وٽ خود احتسابي ۽ تربيت جو عمل ختم ٿي وڃي ته آخر معاشري جا اهي ڪهڙا طبقا آهن،جن ۾ خود احتسابيءَ جي توقع رکي وڃي.

حضرت مجدد الف ثاني رحہ پنهنجي هڪ خليفي کي تمام اهم ۽ بنيادي هدايتون فرمايون آهن ۽ تمام تاڪيد سان فرمايون آهن. سندن اهي بنيادي نُڪتا هن دور ۾ الله جي طالبن جي تربيت ڪندڙ بزرگن لاءِ غيرمعمولي اهميت وارا آهن. اگر انهن کي آڏو رکيو وڃي ته اهل تصوف جي رهنمائي ٿيندي ۽ سلف صالحين جو هي ادارو مُسلم اُمت جي بهتر رهنمائيءَ جهڙو ٿي پوندو.

پاڻ فرمائن ٿا:

”مخلوق ۾ پنهنجي مقبول هجڻ جي شهرت جو شوق، جهڙوڪ آنحضرت ﷺ جو ارشاد آهي ته (ترجمو: ماڻهوءَ جي بُرائيءَ لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي ته ماڻهو دين ۽ دنيا ۾ (شهرت جي ڪري ) هن ڏانهن آڱريون کڻن، پر جنهن کي الله تعاليٰ محفوظ رکي) .



پنهنجي افعال ۽ نيتن کي ناقص سمجهڻ، جيتوڻيڪ اهي روز روشن جهڙيون چٽيون هجن. پنهنجي احوال ۽ مواجيد (ڪشف ۽ ڪرامات) تي گهٽ توجہ ڏيڻ، توڙي جو اهي درست ۽ شريعت وٽان ڇو نہ هجن.“

” اگر ڪوئي مُريد (اصلاح جي طلب سان اچي ۽ (حق تعاليٰ سان) مشغول رهڻ جو ارادو ظاهر ڪري ته ان کي تون پنهنجي لاءِ ببرشير سمجهہ ۽ ڪانئس ڊڄ جو ايئن نہ ٿئي جو هو توهان لاءِ خرابيءَ وارو هجي ۽ اهو عمل سندس لاءِ استدراج ثابت ٿئي. اگر فرض ڪريو ، ڪنهن مُريد جي اچڻ سان خوشي محسوس ٿئي، ته ان خوشيءَ کي ڪفر ۽ شرڪ جيان برو سمجهو ۽ ان جو تدارڪ، استغفار ۽ ندامت ذريعي ايترو ڪريو، جو دل مان خوشيءَ جو اثر بلڪل ختم ٿي وڃي. بلڪ خوشيءَ بجاءِ دل ۾ غم ۽ خوف جي ڪيفيت پيدا ٿي وڃي.

پنهنجي خليفن کي ان ڳالهہ جي تاڪيد ڪريو ته مريد جي مال ۾ لالچ ۽ ڪانئس دنيا جي فائدي جي توقع هرگز نہ رکو، ڇو تہ اها آرزو مريد جي اصلاح جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻبي ۽ بزرگ لاءِ فتني جو سبب بڻجي، ڇاڪاڻ جو حق تعاليٰ جي طرفان خالص دين جو مطالبو آهي.

الا الله الذين الخالص ( سورت زمر . آيت 3)

(آگاہ رهو تہ خالص دين الله جي لاءِ ئي آهي).

هن جي مقدس بارگاہ ۾ شرڪ جي ڪنهن طرح جي ڪا گنجائش ناهي.

هي نڪتو بہ ذهن ۾ هئڻ گهرجي تہ دل تي ڇائجڻ وارو هر قسم جي انڌيري ۽ مُونجهاري جو ازالو توبہ استغفار، شرمندگي ۽ التجا ذريعي آساني سان ٿي سگهي ٿو، پر دل تي جيڪا تاريڪي ۽ ڪدورت ڪميني دنيا جي محبت جي ڪري طاري ٿيندي آهي، جيڪا دل کي غليظ ۽ ناپاڪ ڪري ڇڏيندي آهي، ان جو ازالو تمام مشڪل سان ٿيندو آهي، حضورﷺ جن صحيح فرمايو تہ ”حُب الدنيا راس ڪل خطيئتہ“ (دنيا جي محبت سيني برائين جي پاڙ آهي) الله، اسان کي دنيا جي محبت، دنياوارن جي محبت ۽

ميل جول کان بچائي، ڇو جو اها زهر قاتل آهي. (دفتر اول. مڪتوب 71، مترجم: مولانا زوار حسين شاه رحہ)

### خودنمائي ۽ خودثنائي جي صورت ۾ سزا جو ملڻ

حقيقي درويش جي وڏي خاصيت اها هوندي آهي تہ هو بزرگن جي قائم ڪيل اُصولن ۽ سندن نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، پر جيڪو بزرگ اُصولن جي خلاف ورزي ڪندو آهي تہ ان کي محبوب جي طرفان سزا ملندي آهي. ان سزا جي نوعيت ان قسم جي هوندي آهي مثال طور ڪيس خودنمائي ۽ خودثنائي جي راهہ تي لڳايو ويندو آهي، جنهن سان ڪيس پنهنجي تعريف جو شوق ٿي پوندو آهي. هن جي حلقي ۾ سندس تمام ويجهو اهي ماڻهو هوندا آهن، جيڪي سندس ڳُڻ ڳائڻ. هو هن جي اڻ ڪيل ڪمن جي بہ تعريف ڪندا آهن. ڪيس انهن ماڻهن کان دُور ڪيو ويندو آهي، جي ڪيس بشري ڪمزورين ۽ اصليت ياد ڏياري سگهن.

### تصوف جو، اسلامي شريعت جو خادم هئڻ

تصوف ۽ سلوڪ دراصل ان حديث جبريل مان ورتل آهي، جنهن ۾ ايمان، اسلام ۽ احسان ٽنهي بنيادي شين جي تعليم ڏني وئي آهي. ۽ احسان جو مفهوم هي بيان ڪيو ويو آهي تہ الله جي عبادت اهڙيءَ طرح ڪريو ڄڻڪ توهان الله کي ڏسي رهيا آهيو ، اگر اها توفيق نٿي ٿئي تہ گهٽ ۾ گهٽ اهو ڏيان تہ غالب هجي تہ الله سائين مون کي ڏسي رهيو آهي. تصوف جي سمورين رياضتن جو مقصد احسان جي ان ملڪي کي مستحڪم ڪرڻ آهي، ان حديث جي حساب سان پهرين شيءِ بنيادي عقيدا آهن. الله تي ايمان، رسول تي ايمان، آخرت تي ايمان وغيره. اگر اهي عقيدا صحيح ناهن ۽ انهن کان انڪار آهي تہ اهڙو تصوف جهالت آهي ۽ اسلام کان فرار ۽ بغاوت آهي. هن حديث ۾ ٻي بنيادي شيءِ جنهن جي تاڪيد فرمائي وئي آهي، اها اسلام ۽ اسلامي شريعت آهي، تصوف دراصل اسلامي شريعت جي تقدس کي قائم رکڻ ۽ اسلامي شريعت تي استقامت سان هلندو رهڻ ۽



پوري زندگي الله ۽ رسول صہ جي احڪامات تي رضا خوشيءَ سان عمل پيرا ٿيڻ جو ذريعو آهي.

تصوف مان توحيد، رسالت ۽ اسلامي شريعت کي ڪڍي ڇڏڻ کان بعد اهو تصوف نٿو رهي، اهو جاهلن جي جو هٿيار بڻجي وڃي ٿو . مجلس سماع، نشي جو استعمال، جذباتي اسلامي فرضن کان لنوائڻ، ڏوم ڏام وغيره اهي شيون جاهلانہ تصوف جا لقاو آهن جن کي عالمي ڪفر اسلامي دنيا ۾ ڦهلائڻ گهري ٿو، ان لاءِ هو پئسا بہ خرچ ڪري ٿو .

اسلامي شريعت، دين جي حميت، الله لاءِ بغض ۽ الله ڪارڻ دوستي، اهي بنيادي شيون آهن. جيڪي حقيقي تصوف ۽ اهل تصوف جو امتيازي شان رهيون آهن. بزرگانِ دين جي امت ۾ مجيل حيثيت ۽ ساڻن والهانہ محبت جو بنيادي سبب بہ اهو ئي آهي تہ هو اسلامي شريعت جا امين ۽ نگهبان رهيا آهن.

### اسلامي نظام جي تعمير جو ڪم ذڪر کان بغير ممڪن ڪونهي

اسان وٽ جديد اسلامي فڪر وارا ڪيترا مخلص ماڻهو اسلامي نظام جي تعمير جو ڪم قيل قال، نظرياتي بحث، اخباري بيانن، جلسن جلوسن، تقريبن ڪرڻ، ڪجهہ سماجي خدمت ڪرڻ، ڪتابن رسالن ڇاپڻ ، سياسي ٽينگن ٽپڻ، مغرب خلاف جذباتي اظهار ، تنظيم ٺاهڻ ۽ ڪارڪنن جي مالي تعاون سان تنظيم ڦهلائڻ ۽ ڪارڪنن جي نظرياتي تربيت جي پروگرامن ذريعي ڪرڻ گهرن ٿا، ان ڪم ۾ هو تمام سنجيده ۽ متحرڪ آهن.

اهي جديد تعليم يافتہ ماڻهو جيئن تہ مُسلم امت جي مزاج کي نٿا سمجهن ۽ صُلحاءِ امت ۽ مجدد دين امت،هر دور ۾ معاشري جي فردن کي دين تي قائم رکڻ ۽ منڪر جي خلاف سندن اسلامي جذبن کي اُڀارڻ ۽ معاشري جي اسلامي بنيادن تي تربيت ڪرڻ لاءِ هر دور ۾ جيڪا حڪمت عملي جوڙي، ان کان جيئن تہ هو واقف ناهن، ان ڪري اسلام جا هي مخلص فرد جديد دور جي تجربن ۽ مشاهدن جي بنياد تي اسلامي نظام جي تعمير جو

عظيم الشان ڪم ڪرڻ گهرن ٿا. هنن جي بهتر ۽ پاڪيزه جذبن جو قدر ڪرڻ بنا نٿو رهي سگهجي. پر ڪين اهو نڪتو بہ ياد ڪرائڻ ضروري آهي تہ انساني نفس جون پيچيدگيون ايتريون هولناڪ ۽ خوفناڪ آهن، جو فڪري نوعيت جي نقشن، نظرياتي نوعيت جي ڪمن ۽ قيل قال سان اسلامي نظام جي تعمير جو ڪم تہ پري جي ڳالهہ آهي، پر ڪارڪنن کي هڪٻئي سان رنجشن ۽ ننڍين ننڍين ڳالهين تي اٽڪڻ کان بچائڻ ۽ سندن ظرف ۾ وسعت پيدا ڪرڻ ۽ محبت جي جذبن کي وڌائڻ بہ ممڪن ڪونهي.

ان جي لاءِ ذڪر ۽ فڪر ذريعي الله سان محبت جي جذبي کي پختو ڪرڻ، انساني نفس کي مهذب بنائڻ، ان کي انساني جوهرن وارو بنائڻ، باطن جي وسيع دنيا ۾ موجود قوتن کي ڪيڙڻ ۽ مال ۽ دولت جي بُتن کي ڀڃڻ اٽل آهي. ان کان سواءِ غلبئہ اسلام جي ڪا ئي تحريڪ مستحڪم ٿيڻ محال آهي.

امت جي صدين کان تجربات کان اگر هو فائدو نہ وٺن، ان جي نتيجي ۾ ساري تنظيمي قوت جي باوجود معاشري جي ماڻهن کي متاثر ڪري، ان ڪم ۾ پيش قدمي جي صورت جو پيدا ٿيڻ تمام گهٽو ڏکيو آهي.

### غلبئہ دين جو محاذ، تعليم ۽ تربيت جي ادارن جي استحڪام جو گُهرجائو

غلبئہ دين جو ڪم اهڙو آهي، جنهن کي فقط سياسي نوعيت جو ڪم نٿو چئي سگهجي. بلڪ سياست تہ نالو ئي ڪرسيءَ لاءِ جهيڙ جو آهي، سياست اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ هڪٻئي سان مقابلو ڪرڻ جو ذريعو آهي. سياست، داعيء اسلام کي ڏر جي حيثيت ڏئي، هن جي ڳالهہ کي بي وزن ڪندڙ آهي. غلبئہ دين جي بهتر ۽ موثر صورت تہ هڪ ئي آهي، تہ تعليم ۽ تربيت جي اهڙن ادارن کي مستحڪم ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو وڃي، جن سان الله جي رنگ ۾ رڱيل نوجوان نسل تيار ٿئي، جيڪي ذڪر ۽ فڪر واري مزاج سان گڏوگڏ جديد دور جي علمي ۽ فني ٽيڪنالاجي جي صلاحيتن وارا بہ هجن. انهن تعليمي ۽ تربيتي ادارن مان نڪرندڙ نوجوان



بزنس ڪن، سياست ڪن، استاد ٿين، ڊاڪٽر ۽ وڪيل ٿين يا سرڪاري مشينريءَ جو حصو ٿين، زندگيءَ جي ڪهڙي بہ شعبي ۾ وڃن، پر الله جي محبت ۾ رنگجڻ سبب اسلامائيزيشن جو ڪردار ادا ڪندا. اهڙي طرح معاشري جي بہ بهتر اسلامي بنيادن تي بيهڪ جو ڪم ٿي سگهندو تہ ان سان گڏوگڏ اسلامي تحريڪ کي بہ سياست ۾ حڪومت جي ڌر ٿيڻ بنا سياست جي بهتري ۽ سياسي طور تي غلبئہ اسلام جي صورت بہ پيدا ٿيندي ويندي .

اسلامي تحريڪ کي صرف اهو ڪم ڪرڻو آهي تہ هوءَ وقتي ۽ هنگامي تحريڪن کان نويڪلي ٿي، پنهنجون سموريون توانايون الله جي محبت جي بنياد تي ڪتابن جي نصاب جي تياري، ڪائنات جي قدرتي قانونن جي تحقيق کي بنياد بڻائي، سڄي ملڪ ۾ تعليمي ۽ تربيتي ادارن جو ڄار وڇائي. اهي تعليمي ادارا ويهن پنجويهن سالن ۾ اهڙو نوجوان نسل تيار ڪري سامهون آڻيندا، جو محاذ آرائي ۽ ڌر ٿيڻ بنا غلبئہ اسلام ۽ فروغ اسلام لاءِ پنهنجي حصي جو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا ۽ معاشري کي اهڙا واپاري، ڊاڪٽر، ماهر ۽ اهڙا سياسي ڪارڪن ۽ سياستدان فراهم ڪندا، جيڪي پنهنجن شعبن ۾ غلبئہ دين جي ڪم کي پنهنجي ايمان جو حصو سمجهندا.

افسوس هي آهي تہ اسلامي تحريڪ جي ليڊرشپ، دائراتي خول ۾ بند آهي ۽ هڪ اڌ مفڪر جي فقط تقليد ۾ ڦاٿل هئڻ جي ڪري ”غلبئہ دين بذريعہ سياست“ جي نعري کان ٻاهر نڪري،انهن نون امڪانن تي سوچڻ لاءِ تيار ناهي. اصل ۾ اها ئي تقليد ۽ فڪري جمود جماعتن، ادارن ۽ قومن لاءِ زوال جو سبب آهي.

اسان جو ڪم سلف صالحين جي دعوتي حڪمت عملي جي روشني ۾ صحيح فڪري رستا طئہ ڪرڻ آهي. غور فڪر ۽ عمل ڪرڻ، نہ ڪرڻ اسان جي اختيار ۾ ناهي.

### بزرگيءَ جي نالي تي توجہ ڏيڻ جو عمل

هن دور ۾ تصوف جي نالي تي ڪن بزرگن توجہ ڏيڻ جي صلاحيت پيدا ڪري، طالبن جي دلين ۾ هڪ ئي وقت تحرڪ پيدا ڪرڻ ۽ ننڊ جي

حالت ۾ بہ سندن لاشعور ۾ پنهنجي شخصيت جا اثرات منتقل ڪرڻ جهڙين شين کي وظيفو بڻايو آهي.

ان توجہ جي نتيجي ۾ طالب وقتي طور تي پنهنجي فڪر ونظر ۽ دل جي دنيا ۾ غيرمعمولي هلچل محسوس ڪندو آهي ۽ انهيءَ توجہ کي دل جي جاري هئڻ سان لاڳاپيل سمجهڻ لڳي ٿو . ان جو سڀ کان وڏو نقصان جيڪو ٿئي ٿو، سو اهو آهي تہ طالب زندگي ڀر بزرگ جي توجهہ جو محتاج رهي ٿو ۽ ذڪر جي مجاهدن طرف اچڻ ۽ ذڪر سان نفس کي مهذب بنائڻ جي عمل کي غيرمعمولي طور تي مشڪل عمل سمجهڻ لڳي ٿو .

توجهہ جي اثرات جو هنن سٽن لکڻ واري کي بہ اندازو ٿيو، اهو هيئن تہ تصوف سان وابستگيءَ جي ابتدائي دور ۾ هڪ نوجوان بزرگ سان منهنجو تعلق رهيو، ساڻس جڏهن بہ مُلاقات ٿي، هن جي ڪشش مون کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي هئي ۽ نفس ۾ هلچل مچي ويندي هئي ۽ دل جي ڪيفيات سان سرشار ٿي ويندي هئي. ان کان پوءِ جڏهن حضرت ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ رحہ سان تعلق پيدا ٿيو تہ ڊاڪٽر صاحب وٽ ان بزرگ جي ڀيٽ ۾ توجهہ جو اثر تمام ٿورو هو ۽ دل جي هلچل جي ڪيفيت بہ غالب نہ هئي. حالانڪہ حضرت ڊاڪٽر صاحب ان نوجوان بزرگ کان هر اعتبار سان اعليٰ مقام جو صاحب هو .

ٻين ڪيترن فردن، جن کي انهن ٻنهي بزرگن جي زيارت جي سعادت حاصل هئي، تن پڻ اهڙي تاثر جو اظهار ڪيو .

اسان جو هڪ ساٿي آهي، هو پنهنجي علائقي جي هڪ بزرگ (جو اسان جو بہ دوست آهي) تنهن جو هڪ واقعو ٻڌائيندو آهي تہ ساڻس بہ چار ملاقاتون ٿيون، ان کانپوءِ خواب ۾ ڪيترا ڀيرا هو مون کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لڳو، مان پريشان ٿيس، هڪ ڀيرو مليو تہ مون عرض ڪيو تہ سائين اهو مون سان ڇو پيا ڪريو، چوڻ لڳو تہ مڇي ڦاسائڻ لاءِ آخر چار تہ اُڇلڻو ئي پوندو آهي نہ .



مڇي ڦاسائڻ لاءِ چار وجهڻ جي اها ادا دراصل فرد کي للهيت بجاءِ نفسانيت جي طرف وٺي وڃڻ جو ذريعو بڻجي سگهي ٿي، ان ڪري حقيقي اهل الله، نفسانيت ڏانهن وٺي وڃڻ وارين شين کان پرهيز ڪندا آهن. توجهہ يا تہ مشقن ذريعي نگاهہ کي هڪ خاص شيءِ تي ڄمائڻ سان پيدا ٿيندي آهي، ان جي روزاني مشق ڪئي ويندي آهي. يا وري تسخيري نوعيت جي وظيفن کي معمول بنائڻ سان پيدا ٿيندي آهي. مريدن جي دل تي خصوصي توجهہ ڏيڻ سان بہ مُريد خاص ڪيفيتون محسوس ڪرڻ لڳندو آهي.

اهي سڀ شيون اهڙيون آهن، جو عام طور تي توجهہ ڏيڻ واري لاءِ خود خطري جو ڪارڻ آهن.

### درويش وٽ ايندڙ ماڻهن جي نوعيت

حقيقي درويش ۽ صوفيءَ جي معنوي اولاد اهي چند طالب ٿي هوندا آهن، جيڪي الله جي ذڪر جي ملڪي کي مستحڪم ڪرڻ ۽ تزڪيہ نفس جي سلسلي ۾ ساڻس وابستہ هوندا آهن. درويش کي اها معنوي اولاد پياري هوندي آهي، جان جيان عزيزا! هو اهو ڏسي خوشيءَ ۾ ناهي ماپندو تہ فساد ۽ ماديت جي غلبي واري هن دور ۾ الله جي طلب رکڻ وارا ماڻهو اڃان دنيا ۾ آهن. پر اهو ڏسي هن جي دل سخت ڏکڻهار ڪي ٿي ويندي آهي تہ انهن طالبن جي اڪثريت ٻہ ٽي سال بہ هلي نٿي سگهي. هنن وٽ اچڻ وارا يا تہ اهي افراد هوندا آهن، جيڪي هنن جي دعائن سان پنهنجن بيمارين جي شفا ۽ دنياوي ضرورتن جو حل چاهيندا آهن. ٻيا اهي ماڻهو هوندا آهن جيڪي ڪاروبار، ملازمت ۽ دولت ۾ اضافو چاهيندا آهن. ٽيان اهي ماڻهو هوندا آهن جي پنهنجن ناجائز ڪمن کي جواز ڏيڻ ۽ ضمير کي مطمئن ڪرڻ لاءِ بزرگ سان تعلقات جو سهارو وٺندا آهن. چوٿين قسم جا اهي ماڻهو هوندا آهن، جن جي خواهش هوندي آهي تہ بزرگ کي بہ دنياداري جي نقشي تي آندو وڃي. بهتر گاڏي، بهتر بنگلو ۽ بينڪ بيلنس جي راهہ تي گامزن ڪيو وڃي تہ جيئن هنن کي روحانيت جي حوالي سان انهن سمورين

شين جو جواز ملي سگهي ۽ اعتراض جي صورت باقي نہ رهي ۽ ضمير ماٺو ٿي وڃي.

تمام ٿورا طالب اهڙا هوندا آهن، جي الله جي محبت جي مَلڪي کي مُستحڪم ڪرڻ، نفس کي مهذب بنائڻ ۽ آخرت ۾ الله جي ديدار جي شوق سان راهہ محبت ۽ راهہ سلوڪ ۾ ايندا آهن. افراد جي اها حالت زار ڏسي درويش رت جا ڳوڙها وهائيندو آهي.

### جديد مادي نوعيت جي مُراقبي جي حوالي سان ڪجهہ بحث

مادي نوعيت جي مراقبي جي ماهر ”اوشو“ چيو هو تہ مراقبي جا حقيقي فائدا روزانو ٻارهن ڪلاڪن جي مراقبي کي معمول بنائڻ سان ملي سگهن ٿا.

اوشو خدا جي وجود جو انڪاري هو . هن جي آشرم ۾ هزارين مرد ۽ عورتون رهندا هئا ۽ مغرب جي لکين ماڻهن کي هن پنهنجي ذهانت، تقريرن ۽ ڪتابن سان متاثر ڪيو هو . مراقبي جي مشق مستحڪم ڪرڻ لاءِ هو وڏي فيس وٺندو هو . ايئن هو ارب پتي بڻجي ويو هو . مادي نوعيت جي مراقبي، ان سان عقليت ۽ قوتن جي تسخير ۽ انساني نفسيات جي موضوع تي سندس چار سئو کن ڪتاب آهن. خالص مادي نوعيت جي مراقبي جي حقيقي اثرات جي باري ۾ جديد دور جي ان ماهر دانشور جي تحقيق کي جڏهن اسين الله جي ڪثرت ذڪر جي قرآن حڪم " يا ايها الذين امنوا ذڪر الله ذڪرا ڪثيرا.“ جي پس منظر ۾ ڏسون ٿا تہ معلوم ٿئي ٿي تہ ان ساري تحقيقات ۽ پنهنجي سموري ذهني صلاحيتن جي استعمال بعد انسان آخرڪار قرآن جي صداقت کي پهچي ويندو . امام غزاليءَ قرآن جي انهيءَ آيت جي تشريح ۾ لکيو آهي تہ ڪثرت ذڪر جي قرآني حڪم جي حد ٻارنهن ڪلاڪ ۽ هڪ منٽ کان شروع ٿئي ٿي.

ذڪر جي باري ۾ اڪابر بزرگن يا باقاعده سلوڪ طئہ ڪرڻ وارن طالبن جي اها حالت رهي آهي تہ سومهڻيءَ جي نماز پڙهي ڪري ذڪر ۽ مراقبي جي حالت ۾ رهندا هئا، جڏهن صبح جو آذان ايندو هو تہ چوندا هئا،



يا الله! رات کي ڇا ٿيو جو ايڏو جلد گذري وئي، ليڪن موجوده دور جي غذا، فضا ۽ صحت کي ڏسي اهڙن مجاهدن جو تحمل مشڪل آهي. روزانو ٻہ کان چار ڪلاڪن جي ذڪر سان ئي انشاء الله اهي ثمرات حاصل ٿيڻ لڳندا جي ٻارنهن ڪلاڪن جي ذڪر سان حاصل ٿي سگهن ٿا.

خاص ڪري اسم ذات (الله) جي ٽن چئن ڪلاڪن جي قلبي ذڪر جو معمول چند سالن جي اندر اندر نفسي قوت کي پامال ڪرڻ ۽ فرد لاءِ اسلامي شريعت کي آسان بنائڻ لاءِ ڪافي آهي.

محمد موسيٰ ڀٽو
آمنہ حامد زبيدي

مستقل سلسلو

# قاضي قادن جو ڪلام

## ۽ ان جي تشريح

### معرفت جو سبق

اک اندر سريو جاڳي پس جو اڻ
منجيئي مکو ٿيو منجهيئي ملتاڻ

نيئن نسل کي تلقين ڪندي چون ٿا، تہ اي نوجوان! غفلت جي خواب مان جاڳي پؤ ۽ دل جي گهراين ۾ ٽٻي هڻي، دل جي ذريعي مشاهدي جي صلاحيت پيدا ڪر تہ، مڪي ۾، محبوب حقيقيءَ جي جن انوار جي برسات ٿي رهي آهي، يا ملتان ۾، جن وڏن بزرگن جي مقبرن تي جيڪي انوار وسن ٿا، اهي انوار، توهان کي پنهنجي دل جي گهراين ۾ موجود نظر ايندا. ڇو تہ، محبوب جي حقيقي تجلي گاه بندهء مؤمن جي ”دل“ آهي، دل کي، ذڪر ۽ مراقبي جي ڪثرت جي ذريعي، نفس جي يرغماليءَ کان ڇوٽڪارو ڏيار، ان کي، ”تون ۽ آئون“ جي پردن کان بلند ڪر تہ توکي، سڀ ڪجهہ پنهنجي اندر ۾ محسوس ٿيندي نظر ايندو.

اکيون آڪا سانهہ، فوجون ڪري الٿيون،
سوڙهي گليءَ منجهان سوجهي پرين لهنديون

ظاهري اکين، محبوب جي ڳولا ۾، آڪاش تائين سفر ڪيو ۽ هو، بيچين ٿي محبوب کي ڳولينديون رهيون، پوءِ انهن تي، اها ڳالهہ واضح ٿي وئي تہ، ظاهري اکين سان محبوب جو مشاهدو ممڪن ڪونهي، ان کان پوءِ معاملو دل جي اکين جي حوالي ٿيو. هاڻي دل جو محبوب ڏانهن سفر جاري آهي، اهي هاڻي جلدئي محبوب جي مشاهدي جي مقام تي فائز ٿينديون .



شهباز باز ٿيو پنکي نہ ماري
اک کوڙي عرش ۾ لڌ مناري

هڪڙو نفس پرست فرد، جڏهن محبوب حقيقيءَ جي راه تي گامزن ٿيو تہ، سخت مجاهدن جي ذريعي هو، واصل باالله ٿيو. هاڻي هن جي شڪار جو رخ، عام ماڻهن وانگر، ” مادي شڪار “ نہ رهيو. هاڻي هن جي نگاه آسمان ڏانهن رهي ٿي، هن جي روح ( دل ) جي طلب آسماني ( روحاني ) غذا آهي، هڪ دفعو آسماني غذا کان آشنا ٿيڻ کانپوءِ دل ۽ روح، پنهنجي سموري توانائي سان، ” نفسي قوتن سان مزاحمت “ جي راه تي گامزن ٿيڻ لڳن ٿيون. اهڙي طرح، نفس جو اهو سفر، ” نفس اماره “ کان شروع ٿي، ”نفس مطمئنہ “ جي مقام تائين پهچي ٿو .

جنهين جان جدا ڪي، تون مهہ تنهين پس
لتا ڙين لتن سي، اٿئي پهر عرس.

عارف شاعر، طالب کي، نصيحت ڪندي چون ٿا تہ، اهي عاشق صادق ۽ عارف، جن فنائيت جا آخري مقامات طئي ڪري، محبوب جو وصال ماڻيو آهي، توکي کپي تہ انهن جي، صحبت اختيار ڪر. انهن جي صحبت جي ذريعي، نفسي حجابن کان بلند ٿي، محبوب جي راه تي تيزيءَ سان گامزن ٿي، اهي (عارف ) اهي هستيون آهن، جيڪي بظاهر تہ، دنيا ۾ رهن ٿيون پر، باطن ۾ انهن جي دل، هر وقت، حقيقي محبوب سان رهي ٿي، انهن جي روح، مادي سرحدن کان بلند ٿي، محبوب تائين رسائي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪي آهي .

واحد هنڌين، دائرين، هيڪڙيو ميئي
جنهين جان جدا ڪي، پسندا سيئي.

محبوب ” واحد “ هر جاءِ تي موجود آهي، هن جا انوار، عارفن جي خانقاهن ۾ موجود آهن، فنافي الله کان بقاباالله جي مقام تي فائز هر شخصيت

جي خانقاه محبوب جي انوار جو مرڪز آهي. جيڪڏهن محبوب جي انوار سان فيضياب ٿيڻ گهرين ٿو ته ” خودي “ ۽ ” خود سري “ جي جذبن تان هٿ کڻي، انهن عارفن سان تعلق مضبوط ڪر ته محبوب حقيقيءَ جو مشاهدو ماڻين .

حقيقي مون سيڻ، وسن شهر حقيق ۾
ڳالهه چون حقيقيان، چون حقيقي ويڻ.

منهنجا مرشد، هر وقت، محبوب جي انوار جي دنيا ۾ ئي رهن ٿا. انهن تي هر پل، محبوب جي محويت طاري آهي. سندن زبان مان نڪرندڙ هر لفظ، محبوب جي انوار سان لبريز هوندو آهي. جيئن ته سندن دل، محبوب حقيقيءَ جي انوار سان منور ٿي چڪي آهي. انهي ڪري انهن جي زبان، محبوب جي حسن جي صدا ۽ انهن جي حق ۽ صداقت جي ڳالهين ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن شيءِ ڏانهن متوجه نٿي ٿئي. جيڪا دل، ساري ڪائنات جي حسن جي حقيقي خالق هستيءَ جي حسن مان لذتياب ٿي چڪي هجي، ان دل جي لاءِ ”مادي حسن“ ڪهڙي معنيٰ ٿو رکي؟ هن کي مادي حسن ڪئين فريب ڏيئي سگهي ٿو؟

سفيفي مون سيڻ، وسن شهر سفاف ۾
ڳالهه چون سفافيان چون سفافي ويڻ.

منهنجا محبوب ( مرشد ) وجداني طور تي اهڙي دنيا ۾ رهن ٿا. جتي مشاهدهء حقيقت جي راه ۾ حائل سڀ رڪاوٽون، ختم آهن.ان ڪري، سندن زبان مان نڪرندڙ هر ڳالهه اهڙي آهي. جو دل ۾ ” انوار “ داخل ڪرڻ جو ذريعو آهي. انهن جي گفتگو صاف وشفاف آهي. اها، ٻيائي ۽ تضادن کان پاڪ آهي. سندن گفتگو ، نفس ۽ عقل جي سرحدن مان لنگهي، دل ۾ طوفان برپا ڪرڻ جي موجب آهي.



جڏهن فرد، غير معمولي مجاهدن سان نفسي ظلمات ۽ اونداهين کان گهڻي حد تائين، ڇوٽڪارو حاصل ڪري ٿو وٺي ته، هن جي نظر ۽ گفتگوءَ ۾ اها، تاثير پيدا ٿي پوي، جيڪا، دلين ۾ انقلاب آڻي سگهي ٿي.

جنهين مک مرانءِ، امي التي اکڙئين
تنهين جي ڳالهاءِ، معدوئي ساڃو ٿيو.

اي ماءُ! آئون جنهن محبوب لاءِ صبح اٿندي ئي، تڙپندي هئس، جن جي ڏسڻ لاءِ، منهنجيون اکيون اداس هونديون هيون، هاڻي، هنن جي ذڪر ۽ يادگيريءَ ۾ قرار ملڻ لڳو آهي. انهن جي انوار حسن جي مشاهدي سان، سڪون ملڻ لڳو آهي. منهنجي ” اندر جي اچ “ اجهامڻ لڳي آهي ۽ دل جي تسڪين جو سامان ٿيو آهي.

مبتدي سالڪ جڏهن، ” وچين حالت“ ۾ اچي ٿو ته، هن جي جذبات جي، گهڻي حد تائين تسڪين ٿيڻ لڳندي آهي. البته، ” مبتدي “ طالب جي حالت، رحم جوڳي هجي ٿي، مبتديءَ کي محبوب حقيقيءَ جي ذڪر جي لاءِ، نفسي قوتن تي جبر ڪري، دل کي آماده ڪرڻو پوندو آهي، ۽ متوسط جي لاءِ ذڪر، ان جي ” غذا “ بڻجي وڃي ٿي، ان جو گهڻي کان گهڻو وقت، هاڻي ذڪر جي حالت ۾ گذري ٿو. ڪيس محسوس ٿيندو آهي ته، ڄڻ، هن جي سيني جذبن جي، تسڪين ٿيڻ لڳي آهي.

ڪنجي ڏيئي جهليو جنهين روح رساو،
تنهين سندي تلهڙي، سونهاري سپاو.

جن منهنجي نفسي قوتن کي روڪي، منهنجي ” روح جي پرواز “ کي بلند ڪيو روح کي ” نفس جي قيد “ مان ڪڍيو. آئون انهن جي رهنمائيءَ ۾ سفر ڪري، هن ماڳ تي پهتس، جتي مون کي فطرت سان هم آهنگي جي سعادت نصيب ٿي آهي. اها سعادت، پنهنجي ” علم “ پنهنجي ” ذهانت “ ۽ پنهنجي ذاتي ڪوشش سان حاصل ڪرڻ دشوار هئي. مرشد، وک. وک تي

منهنجي رهنمائي ڪندي، مونکي ” نفس “ جي سرڪش طاقتن کان خبردار ڪندي، محبوب تائين پهچايو.

جي لوڙي تي نہ لهان الوڙي دي ڏير
توڙي ڏسڻ سهڻي، انبان تل نہ ٻير.

دنيا جي بازار جو ذڪر ڪندي چون ٿا تہ، جواهر ۽ موتي، جن جي گهرج آهي، اهي، هٿ نٿا اچن، غير ضروري سامان سان، بازار ڀريا پيا آهن. ” ٻير “ ڏسڻ ۾ ڪيڏا بہ سهڻا هجن، پر انبن جي برابري نٿا ڪري سگهن. دنيا ۾ مادّي زيب و زينت ۽ ظاهري حسن و وجاهت جي اعتبار سان افراد، ڪيڏا بہ سهڻا ۽ پرڪشش ڇو نہ هجن، پر اهي، ”معنوي حسن رکندڙ صاحب عرفان “ هستين جي سامهون (اهڙي حيثيت رکن ٿا جهڙي ”موتي ۽ جواهر “ جي مقابلي ۾ ” پٿر ۽ ٺڪر “ جي حيثيت آهي ).

سوني سرپ نہ لوڙيان، جي لوڙيان تان لک،
مون تنهان سندي بک، جنهين مستڪ مٽي پلئہ

مون کي اهڙي فقير جي صحبت ۽ معيت نہ ٿي گهرجي، جيڪو ظاهر ۾ تہ، فقيراڻي لباس ۾ هجي ۽ هنجو باطن، ” موتي جواهر “ کان خالي هجي، اهڙا فقير تہ، لکن جي تعداد ۾ لڀن ٿا، مون کي اهڙي درويش جي ڳولا آهي، جنهن جي دل،محبوب جي انوار سان سرشار هجي، جيڪو حقيقي ”فقر“ يعني الله کانسواءِ، سڀني کان بي نيازي جي دولت سان، بهره ور هجي، ان طرح جا درويش ئي پنهنجي چاهڻ وارن ۽ ” معرفت حق “ جي طالبن کي، بي بها ”روحاني موتي جواهر“ سان نوازي مالا مال ڪري سگهن ٿا.

عين قصر در لک، ڪوڙين سهسين ڪرڪيان
جان ئي ڪرين پرک، تان ئي سڄڻ سامهان.

محبوب حقيقيءَ جي جنهن دنيا سان، ” دل جي ذريعي “ آگاهي ٿئي ٿي، ان جي نشاندهي ڪندي، شاعر عارف فرمائين ٿا تہ، دل جي اکين جي ذريعي



جيڪو محل کلي ٿو ، ان محل ۾ ( لکين، ڪروڙين دروازا ۽ سوين دريون آهن، جتان ڪٽي نهاريون، اتان، محبوب جو جلوو ئي سامهون آهي. )

محبوب حقيقيءَ جي مشاهدي جي راه ۾ اصل رڪاوٽ ، ” نفس “ جون مادي قوتون ئي آهن، جڏهن، مجاهدن جي ذريعي ” نفسي قوتون “ پائمال ٿين ٿيون تہ ”دل“ انوار الاهيءَ سان سرشار ٿيڻ لڳندي آهي، پوءِ فرد جي اها حالت ٿئي ٿي، جو ڪيس محبوب جي هر تخليق ۾ ان جا ئي جلوا نظر اچن ٿا.

پهرين پاڻ پرک، پرين پرکڻ ساڪڙا
در پيي سوئي رک جتان ڏڪانہ لهين.

چون ٿا، سڀ کان پهرين، خود بينيءَ تان هٿ کڻي، خودشناس “ بنجي وڃ (پاڻ کي ڪا ” شئي “ سمجهڻ کان دستبردار ٿي، پنهنجي ” حقيقت“ کي سڃاڻ ) ”محبوب حقيقيءَ تائين رسائي جي راه “ تي وک بہ، تڏهن هلي سگهندي، جڏهن، خود شناسيءَ جي ذريعي، پنهنجي اصل هستي يعني، روح جي خاصيتن کان واقفيت حاصل ٿيئي، ” انساني روح “ جيڪا، انسان جي اصل شخصيت آهي، اها سدائين قائم ۽ دائم رهي ٿي، هي جسم تہ لباس وانگر، پراڻو ٿي آخر، ختم ٿي ويندو ، پرهن روح جو ”روح مطلق هستيءَ“ سان اهڙو تعلق قائم آهي، جيڪو انسان کي اندر ۾ بيچين رکي ٿو انساني روح لڳاتار ان جي لاءِ تڙپندي رهي ٿي، اهڙي ڪامل هستي، هٿ ڪر،جيڪا تو کي در تان نہ ڌڪاري، اهڙي هستيءَ جي غلامي قبول ڪر، جيڪا توکي، سڀني جي غلاميءَ کان آجو ڪري .

پهرين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃائي سولهي
من اندر مهہ پاءِ، توئي اندر سپرين.

محبوب حقيقيءَ جي محبت جي دنيا اهڙي آهي،جيڪا، پنهنجي وجود جي نفي ۽ پنهنجي ذات کي ”فنا“ ڪرڻ کانسواءِ، حاصل نٿي ٿي سگهي، پنهنجي هستي جي فنائيت جا مقامات طئي ڪر تہ تو کي، محبوب جو

وصال حاصل ٿيئي، محبوب جي قرب جي مقام تائين پهچڻ جي سعادت، انهن کي حاصل ٿي سگهندي، جيڪي اندر ۾، ٿبي هٽي، مراقبي جي ذريعي، دنيا جي ڏوڪي ۽ ڀيائي جي فريب مان نڪري، محبوب جي انوار حسن مان فيضياب ٿيندا.

تون ويرون ئي وير، جوڳي سو جو جڳ ۾
ڏون اسان جو پير، سوڏي ڏيئين سرير ۾

عاشق صادق جو ذڪر ڪندي چون ٿا تہ تون محبوب حقيقيءَ جي انوار سان سرشار آهين، تو مٿان هر دم انوار الاهيءَ جو نزول ٿئي ٿو ”عاشق صادق “ اهو آهي جيڪو هن مادي دنيا ۾ رهندي، دنيا کان بي نياز هجي، ۽ محبوب حقيقيءَ جي ذڪر ۽ فڪر ۾ مشغول هجي، تون ئي اسان جو مرشد آهين، تنهنجي صحبت، رابطي ۽ تعلق جي نتيجي ۾ اسان جون دليون، محبوب جي انوار جو لطف ماڻين ٿيون.

ستو هوس ننڊ ۾، جوڳيءَ جاڳا يوس
مر وڃايائين مون منان، تت وڪايوس.

آئون ظاهري علم جي حصول ڪانپوءِ بہ غفلت جي ننڊ ۾ ستل هوس، ”خود شناسي“ ۽ ” خدا شناسي “ جي دولت کان محروم هوس، نفس کي ” پالڻ ۽ پوڄڻ “ جي وسيع دنيا ۾ مستغرق هوس، جوڳيءَ ( درويش ) اچي مون کي هن غفلت جي ننڊ مان جاڳايو ۽ مونکي نفس جي معرفت ۽ ربّ جي معرفت جي راه تي گامزن ڪيو ان کان پوءِ ئي، دل تي چڙهيل، نفس پرستيءَ جي ” ڪٽ“ لهڻ لڳي، ۽ حقيقت تائين رسائي جي، سعادت عظميٰ حاصل ٿئي.

اڀري ۾ پير، ڪنهن لڏو پيريئين
تہ پوسندو پير، ڪوڙين منجهين ڪولهي



لکن ڪروڙن ماڻهن ۾، تمام گهٽ، اهڙا خوش نصيب افراد هوندا آهن، جن کي، محبوب سان محبت جي راه حاصل ٿيئي ٿي، ان ۾ بہ فنائيت جا مقامات طئي ڪري، بقا جي مقام تي فائز ٿيڻ جي سعادت تہ تمام ٿورن ماڻهن کي حاصل ٿيندي آهي .

معرفت جي دنيا ۾ داخل ٿيڻ ان ڪري بہ ڏکيو لڳي ٿو جو رياست ۽ معاشري جا سيئي ادارا، فردن کي، رات ڏينهن، ماديت جي وسيع سمنڊ ۾، غرق ڪرڻ جي ڪڍ لڳل آهن ۽ جيڪي ماڻهو هڪ دفعو ماديت جي وسيع سمنڊ ۾ داخل ٿيا تہ پوءِ ان کي نفس جي سمنڊ کان سواءِ ٻي ڪا دنيا نظر ئي نٿي اچي .

جي مهراڻ ميا ڪري، تہ ساگرو سهي نہ سٽ
يون پريان سندي ڳالهڙي، رهي نہ اندر گهٽ

جڏهن درياء سنڌ ۾، طغياني اچي ٿي تہ ان سان جڙيل ننڍا واه، ان طغيانيءَ جي سٽ سهي نٿا سگهن يعني، پاڻي ايڏو گهڻو ٿو هجي، جو ٻيرجي ڪنارن تان وهڻ لڳي ٿو.

محبوب حقيقيءَ جي انوار جي مثال بہ ائين ئي آهي تہ جڏهن دل تي، انوار حسن جي بارش ٿيڻ لڳي ٿي تہ دل، ان جي سٽ سهي نٿي سگهي ۽ بي خود ٿي وڃي ٿي.

اها، ” متوسط “ سالڪ جي حالت آهي، جو هو محبوب جي انوار جي لاءِ بيتاب ٿي وڃي ٿو ۽ ان بيتابيءَ جي ڪري، اڪثر اوقات هو قابوءَ کان ٻاهر ٿي وڃي ٿو ۽ ان جي دل مان، دانهون نڪريو وڃن ۽ اهو هن کان، بي ساختہ سر زد ٿئي ٿو.

ساڳي طرح، ” منهنجي “ دل تي جڏهن اها بارش ٿئي ٿي تہ ان انوار کي، ٻين ڏانهن منتقل ڪرڻ لاءِ مضطرب ٿي وڃان ٿو .

الان جيهي ال تسان نہ اسان جيتڙي
پريان جامع ال، تسان ٻيائي الهن.

متوسط سالڪ کي مخاطب ٿيندي، شاعر، چون ٿا تہ، آتش عشق سان تنهنجي دل، اڃان سڙي ڪانهي، پوري طرح منور نہ ٿي آهي، هن سان اڃان تنهنجي دل ۾ محبت جو مچ ناهي ٻريو. محبوب جي هستي ان انوار جي مرڪز آهي، جڏهن تون، ان جي حسن جي انوار سان سر شار ٿي ويندين، تنهنجي دل، انوار الاهيءَ سان، پوري طرح منور ٿي ويندي تہ پوءِ ان مان، اهڙا الا نڪرندا، جيڪي ٻين جي دلين کي سوز عشق سان لبريز ڪرڻ جو موجب بڻجندا.

لڳي وڄان پير، دانهان ڪندي ڏونگر
سوئي سڄڻ ميڙ، جنهين هئون ڏڪڻي.

محبوب جي لاءِ جبل جي چوٽي سرڪرڻي پوي ٿي ، جبل جي ڏکين پٿرن تي، پيرين پنڌ سفر ڪندي، دل مان اها صدا نڪري ٿي تہ شال، ڏٽي اهي سڄڻ ملائي، جنهن جي لاءِ دل ماندي ۽ بيتاب آهي.

متوسط صوفيء جي حالتن جي عڪاسي آهي، جيڪو محبوب سان وصال جي لاءِ مسلسل سفر جي حالت ۾ آهي، يعني ذڪر وفڪر ۽ مراقبن ڪانسواءِ ان کي خوشي ۽ سڪون جالمحا مسير نٿا اچن، هن جي دل مان بس هڪڙي ئي صدا نڪري ٿي ۽ اها محبوب سان وصل جي ئي صدا آهي.

تون، تون تد ڪريھ، لڳنداءِ ڪر ڦند جيئن
سائين سنڀاريھ جن يھ روح سرجيا

جڏهن دنيا جي ڏکن، تنهنجي لاءِ سڀ رستا بند ڪري،توکي محبوب حقيقيءَ جي راه تي هلڻ لاءِ مجبور ڪيو تہ، ان ڪان پوءِ تنهنجي اندر مان بي اختيار محبوب جون صدائون بلندٿيڻ لڳيون.زماني جي ستم ظريفي، تنهنجي روح کي، رب تعاليٰ ڏانهن راغب ڪيو ۽ توکي روح مطلق هستي



تائين پهچائڻ جي صورت پيدا ڪئي، حديث شريف ۾ آهي تہ الله تعاليٰ جڏهن ڪنهن ٻانهي سان ڀلائي ڪرڻ چاهيندو آهي تہ ان تي، مصيبت نازل فرمائيندو آهي، هن مصيبت جي سبب، ٻانهو پنهنجي گذريل گناهن واري زندگي ڪان توبه تائب ٿي، محبوب جي راه تي هلڻ لڳي ٿو_

( حديث پاڪ جا الفاظ تہ ٻيا آهن پر، مفهوم هن سان ملندڙ جلندڙ آهي ).

سور جنهون کي هوءَ، ليهان تنهين اپرن
ڪاٽي ڪوءِ ڏنوءِ، دانهان ڪندو سورين.

ڏکن جو ماريل انسان ئي، روئندو رڙندو آهي، درد ڪانسواءِ ڪير آهي جيڪو روئي .

(جڏهن، بيوسي انتهائي درجي تائين پهچي ۽ ڏک جي جذبي جي اظهار لاءِ الفاظ کٽي پون، تڏهن، اکين مان ڳوڙها ڪرندا آهن ) دنيا ۾ اهو دستور آهي تہ جڏهن، محبوب جي لاءِ درد ۽ عشق ۾ بيتابي وڌي ٿي، تڏهن دل مان دانهون نڪرن ٿيون، اها " متوسط " صوفيءَ جي حالت آهي، جنهن جي دل مان، بي ساختہ طور تي، محبوب حقيقيءَ لاءِ آهون ۽ دانهون نڪرن ٿيون، جنهنکي ٻڌي ماڻهو ڏکيو وڃن.

ڪاگد ڪالي اکرين، مون سان مون سيڻين
گهوري ڪٽي وڃائيان، وي مندي نيڻين

ڪتابي ڪاغذ جو، مس جي ڪارن اکرن سان جيڪو تعلق آهي، اهي هڪ ٻئي جي لاءِ لازم ۽ ملزوم هوندا آهن. بالڪل اهڙي طرح جو تعلق مون کي پنهنجي محبوب سان آهي، محبوب حقيقيءَ منهنجي دل جي تختيءَ تي، پنهنجي نالي جي نقش کي اهڙو چٽو لکيو آهي، جو هاڻي اهو نقش، جدا ٿيڻ جو نالو نٿو وٺي، منهنجا پرين منهنجي دل جو حصو، بلڪ قيمتي ورثو بڻجي چڪا آهن، منهنجي ابدي حياتي انهن سان وابستہ آهي، منهنجيون اهي " اکيون " جيڪي، محبوب جي مشاهدي ڪان قاصر آهن، اهي، ان قابل

آهن. جو ڪين ڪيڏي ۾ اڇلائي ڇڏجي_ يعني جيڪي اکيون. محبوب ڪانسواءِ ٻين کي محبت سان ڏسن ٿيون. اهي، دل جي اکين جي سجاڳي جي راهه ۾، رڪاوٽ آهن. ۽ محبوب ڪانسواءِ ٻين شين ۾ مصروفيت جو موجب آهن. اهڙين اکين جي مونکي ضرورت ڪانهي. بلڪ، اکيون تہ ڇا، محبوب جي لاءِ آئون، هر شئي فدا ڪرڻ لاءِ تيار آهيان .

ڪاگد ڪالي اکرين مڱن واچيندا اڻ وڏو
سجڻ اچين اکرين مڱن لوڙيندي لڏو.

ڪتابي ڪاغذ تي نقش ٿيل ڪارا اکر اهڙا آهن، جن کي آئون سولائيءَ سان پڙهي سگهان ٿو . اهڙي طرح منهنجي محبوب جي پاڪ نالي وارو لفظ بہ جيڪو منهنجي دل تي نقش آهي،ان کي مون، دل تي چٽيل سيئي نقش مٽائي، پڙهڻ جي صلاحيت حاصل ڪئي آهي، دل جي اونهاين ۾ لڪل محبوب جي هن نقش کي مون دل جو حصو بڻايو آهي، هاڻي، دل مان ٻيا سڀ نقش مٽجي ويا آهن. دل ۾ بس، محبوب جا انوار باقي بچيا آهن. هن مقصد جي لاءِ مون کي ڊگهي عرصي تائين مجاهدا ڪرڻا پيا. تنهن کان پوءِ وڃي اها، "سعادت عظميٰ " حاصل ٿي_ .

ليهان لک ڪيام، پسڻ کي پاٽان پرين
سوجهي سيڻ لڌام، من منهنجين ئي سپرين

محبوب جي مشاهدي جي لاءِ مون کي طويل مجاهدا ڪرڻا پيا. لڪين مصيبتن ۽ تڪليفن مان گذرڻ کانپوءِ وڃي، مون کي محبوب جي معرفت جو اهو مقام حاصل ٿيو جتي هاڻي دل ۾، محبوب ئي محبوب وسي ٿو_ محبوب ڪانسواءِ، سڀ خواهشون ختم ٿيون. منهنجا محبوب حقيقي تہ، هميشہ کان منهنجي دل جي گهراين ۾ موجود هئا. دل کي مادّي ڪثافتن کان پاڪ ڪرڻ کان پوءِ، محبوب جا انوار حسن، صاف نظر اچڻ لڳا آهن. محبوب جي وصال جي مستقل سعادت جي لاءِ مون کي، هماليہ جبل جيڏيون چوٽيون چڙهڻيون پيون. ان رستي ۾، ايڏين تڪليفن مان لنگهڻو پيو جو بيان کان ٻاهر آهن .



روئي م ڪر پڌرو، هٿ منجهيئي حال
جان، جان پريان نہ مڙءِ، تن ڪانئيءَ جيئن ٻال

ماڻهن جي سامهون روئي، پنهنجي دل جي حالت کي ظاهر نہ ڪر. محبوب جي راهه تي، استقامت سان هلندو رهہ. جيستائين، محبوب سان حالت وصال جو مقام نٿو حاصل ٿئي، تيستائين، "عشق جي باهہ " ۾ سڙندو رهہ ".

عارف شاعر، متوسط صوفيءَ کي نصيحت ڪندي چوي ٿو تہ متان، محبوب جي لاءِ انجو اضطراب ۽ بيچيني، ماڻهن جي سامهون، ظاهر ٿي وڃي، محبوب جي لاءِ، جي رت جا ڳوڙها بہ ڳاڙڻا پون تہ اهو ڪم، اڪيلائيءَ ۾ ڪر. ماڻهن کان، پنهنجا اندروني حالات، جيترا لڪائي سگهين اوترا، لڪاءِ چو تہ محبوب جي ذڪ کي ظاهر ڪرڻ ۽ ان جي راز کي کولڻ جا، فائدا گهٽ ۽ نقصان وڌيڪ آهن. ان سان، ماڻهن ۾ شهرت حاصل ٿئي ٿي ۽ پنهنجي ذاڪر هجڻ جي دعويٰ جو خطرو لاحق ٿئي ٿو_

هسئن ڪت سهجڙي روئن ڪي ناهين
پريان پسڻ جوڳيان، اک تو ناهين.

حيرت آهي تہ محبوب کان محرومي، انکان دوريءَ جي حالت جي باوجود تون، پنهنجي باطني حالتن تي ذڪ ڪرڻ بدران، کلندو رهين ٿو ۽ اجاين ڳالهين ۾، وقت وڃائين ٿو. توکي تہ پنهنجي حالت تي روئڻ گهرجي، چو تہ تنهنجي " دل " جيڪا، محبوب جي مشاهدي جي صلاحيت رکي ٿي، تون ان ( دل ) جي خاطر خواه صفائي ڪري، ان مان فائدو حاصل ڪرڻ کان غافل آهين.

پريان سندي ڳالهڙي، مر منجهين ئي هوءِ
ٻڌائين ٻين کي، ڪيهو ڪاج سريوءِ؟

محبوب جا اسرار اهڙا آهن، جنکي دل ۾ ئي رهڻ ڏجي، انهن جو ظاهر ڪرڻ سنو ناهي، انهن رازن کي کولڻ مان، آخر توکي ڇا ملندو ؟ "

عارف شاعر، " مبتدي ۽ متوسط " صوفيءَ کي تلقين ڪن ٿا تہ "راه سلوڪ " ۾ هلنديءَ انهن کي، ٻي دنيا جا جيڪي مشاهدا حاصل ٿين، القاء ڪشف ۽ الهام وغيره جي صورت ۾ تہ انهن کي ڪپي تہ انهن مشاهدن کي هو محبوب جا اسرار سمجهن، محبوب جي رازن کي ظاهر ڪرڻ مان، فائدي کان وڌيڪ نقصان جو انديشو آهي، هڪڙو وڏو نقصان تہ اهو آهي تہ پنهنجي بزرگيءَ جي دعوي پيدا ٿئي ٿي ۽ نفس جي فريب جي صورت پيدا ٿئي ٿي، ٻيو نقصان اهو تہ رازن جي فاش ٿيڻ سان، محبوب جي نظر ۾ سالڪ جي اها حيثيت تہ هو " اعتماد جي قابل آهي، محبوب جي رازن کي راز ۾ رکي سگهي ٿو " اها باقي نٿي رهي.

وچاران وي پٽ، تون جهل ٻاهر نڪري
اسان هنجئون هٿ ڪامئن، لوسئن منجهہ ٿيو.

" سالڪ " جيڪي، آتش عشق جي ڀٺيءَ ۾ سڙي رهيا آهن، اجان سندن دل جي ڀٺيءَ ۾، عشق جي باهہ پوري طرح ٻري ڪانهي، ان ڀٺيءَ جي سوراخن مان، ٻاڦ نڪرند پئي، جنهن مان لڳي پيو تہ هو اجا خام آهي، هنن سوراخن کي بند ڪرڻ ڪانپوءِ ئي اها، ڀٺي ڪندن ٿي سگهندي.

مٿين بيت ۾، هن ڳالهہ ڏانهن اشارو آهي تہ، متوسط صوفيءَ کي، سيني شين کان يڪسو ٿي، محبوب جي محبت ۾ مستغرق ٿي وڃڻ کپي، دل جي انهن سوراخن کي بند ڪرڻ گهرجي، جتان، مادي حسن ۽ مادي محبت جا اثرات، داخل ٿي رهيا آهن، شعر جي ٻئي حصي ۾ شاعر فرمائين ٿا، تہ اسان جي حالت اها آهي جو محبوب جي در تي پيا آهيون، آتش عشق ۾ سڙي خاڪ ٿي رهيا آهيون.

انهان اندر ماهہ ٻاهر ڏڪ نہ پڌرا
ويد ڪريندو دانهہ پسان سي واڍ وڙيا

عاشق صادقن جي حالات جي عڪاسي ڪندي چون ٿا تہ انهن جي دل عشق جي زخمن سان چور، چور آهي، سندن ظاهري جسم تي تہ ڪو ڦٽ



ڪونهي، پر انهن جو باطن محبوب جي تيرن سان زخمي آهي، هو بظاهر تہ هلندي ڦرندي نظر اچن ٿا پر، آتش عشق سندن دل کي، اهڙو ساڙي ڇڏيو آهي جو وڏا داناء طبيب بہ حيرت ۾ آهن تہ هي، زنده ڪيئن آهن؟ عشق جي زخمن، عاشق کي دنيا ۽ ان جي شين کان بي نياز ڪري، محبوب جي رحم وڪرم تي ڇڏي ڏنو آهي.

ڪڏهين ٻيري ٻور، ڪڏهين ڦل نہ هڪڙو
ڪڏهين پريان جاپور، ڪڏهين سڪان سڏکي.

جيڪا حالت، ٻير جي وڻ جي آهي، ڪڏهن ان تي ٻور لڳي ٿو ، ڪڏهن ان جا پن سڪي ڇڻن ٿا ۽ هڪڙو بہ گل نٿو رهي.

مون سان محبوب جو معاملو بہ اهڙي طرح جو آهي، جيڪڏهن، مشاهدي سان نوازين ٿا تہ، بار بار اها سعادت عطا فرمائين ٿا ۽ ڪڏهن تہ، انوار حسن جي معمولي شعائن لاءِ بہ سڪائين ٿا، اها، سلوڪ جي راه تي هلندڙ صوفيءَ جي حالتن جي عڪاسي آهي، جيڪو ڊگهي عرصي تائين انوار جي، اچڻ ۽ انوار جي ڪسجي جي ڪيفيات کي منهن ڏئي ٿو.

" قبض وسط " جي ذريعي جڏهن، نفس جون، سرڪش قوتون مطيع ٿي وڃن ٿيون تہ ڪيفيات جي ادل، بدل جي اها صورت، گهٽي حد تائين ختم ٿي وڃي ٿي ۽ مزاج ۾، نهراء پيدا ٿئي ٿو .

سوئيڙيان سنهڙو جي تن ڪيوءِ نہ تيئن،
توکي اکڙين ۾ پرين پائيندو ويئن؟

محبوب جا انوار حسن، ايڏا لطيف آهن، جو تنهنجي نازڪ دل ۾، سئولائي سان جذب ٿي سگهن ٿا، پر افسوس جو تو دل کي محبوب جي انوار حسن سان سر شار ڪرڻ لاءِ، ممڪن حد تائين ڪاوش ئي نہ ڪئي آهي.
اهڙي صورت ۾، محبوب جي حسن مان لطف اندوز ٿيڻ جي تمنا ۽ خواهش، ڪهڙي ڪم جي ؟ جڏهن تہ محبوب جي ذڪر و فڪر جي مجاهدن ۾

جيستائين، آخري حد تائين توانائيون خرچ نہ ٿين ۽ جسم وجان جون سڀ طاقتون استعمال نہ ٿين تيستائين، محبوب جي وصال جي خواهش بي معنيٰ آهي، سموري ڪائنات جي خالق هستيءَ جي، حسن مان فيضابي جي اها عظيم نعمت، سئولائيءَ سان تہ نٿي ملي سگهي، جسم وجان جي سمورين صلاحيتن جي بدلي ۾ ئي اها ” دولت “ حاصل ٿي سگهي ٿي.

روز محشر ڏينهڙي، ستر سج تپن
سپوئي جهڙ پانئيان، جي مون پرين مڙن.

قيامت جي ڏينهن جڏهن، هڪ نہ پر ستر سج، پنهنجي شديد تپش سان، سامهون هوندا، ان وقت منهنجي آزرو تہ بس اها هوندي تہ مونکي، محبوب جو ديدار نصيب ٿئي، آئون سج جي گرميءَ کان نٿو ڊڄان، بلڪ محبوب جي مشاهدي جو حريص آهيان، منهنجي جسم ۾ جان تڏهن ايندي جڏهن، محبوب جي مشاهدي جي، سعادت عظميٰ حاصل ٿيندي، ان وقت سيئي ڏک ختم ٿيندا ( ۽ سج جي تپش ۾ مونکي جهڙ جهڙي تڏڪار ۽ ڇانو محسوس ٿيندي ) جي مون کي محبوب حقيقيءَ جو وصال نصيب ٿئي ).

جيڪي هن دنيا ۾، محبوب جي انوار حسن سان سرشار رهيا، ٻي دنيا ۾ بہ محبوب انهن کي ضرور، پنهنجي مشاهدي سان فضياب ڪندو.جيڪي عارف، هن حياتيءَ ۾، محبوب جي لاءِ بيچين رهن ٿا، انهن کي محبوب، ابدي حياتيءَ ۾ ڪيئن، محروم رکندا ؟

جي تهہ لائي وچ مچ، توچپڙ لڪڙ لاهہ،
زهر هلا هل هٿ ڪر، ڪارڻ پريان ڪاءِ.

جيڪڏهن تون محبوب حقيقيءَ سان محبت جي راه، صدق دلي سان اختيار ڪئي آهي تہ، عشق کي لڪائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي، ماڻهن جي سامهون، قيل و قال ۽ عذر و معذرت ڇو ؟ پاڻ کي، ديوانن وانگر سچو عاشق بڻاءِ، زهر هلا هل، هٿ ڪري، پنهنجي مادي ۽ جسماني وجود کي ان



سان فنا ڪر، ايئن پنهنجي نئين روحاني زندگيءَ کي طاقتور ڪر تہ، محبوب جي وصال جي نعمت حاصل ٿيئي ( ذڪر ۽ مراقبن ذريعي، ” نفس امّاره “ کي فنا ڪري، ” نفس مطمئنہ “ جي درجي تي پهچاءِ تہ ربّ جي رضا حاصل ٿيئي.)

توڙي هوءِ نہ وسهون، مئن سهسين ماڙهئين
اکين کين متاع، جتي هوئن مان پرين.

مادي حسن جي دولت سان بهره ور، ڪٽي لکين ماڻهو موجود هجن، پر منهنجي اکين کي انهن جو حسن، فريب نٿو ڏيئي سگهي، انهن جو حسن منهنجي لاءِ بي معنيٰ آهي، منهنجي لاءِ ان جي حيثيت، مٽيءَ جي ڍير کان وڌيڪ نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ، بظاهر نظر اچڻ وارو اهو حسن، مٽِيءَ مان ئي تہ، خلقيل آهي ۽، جسماني حسن کي آخر ڪار ، مٽيءَ سان ملي، مٽيءَ جو حصو بنجي وڃڻو آهي ( هر شئي پنهنجي ” اصل “ ڏانهن موٽي ٿي ) جيڪو مادّي حسن، مٽيءَ جو حصو بنجي فنا ٿي وڃڻ وارو هجي ان جي محبت، ڪهڙي اهميت رکي ٿي؟ منهن جي اکين کي تسڪين تہ، محبوب حقيقيءَ جي مشاهدي سان ئي ملي سگهي ٿي، منهنجي دل، سموري مادي حسن کان بي زار ٿي، محبوب جي انوار حسن تي فدا ٿي وئي آهي، ان کان سواءِ هن جي خواهش جي تڪميل، ٻي ڪنهن شئي سان نٿي ٿي سگهي.

تکو تيڏو ئي وهي، جيڏو منهن مهراڻ
ڏيهہ سپو ئي هڪڙو ڏير لڏو سين پاڻ،

محبوب جي انوار جو مثال، سنڌو درياهہ ۾ وهندڙ تيز پاڻي وانگر آهي، هن پاڻيءَ سان، سڄو ملڪ سيراب ٿيندو رهي ٿو محبوب جا انوار، پين

وانگر اسان جي دل ۾ بہ آهن. اسان خود شناسيءَ جي ذريعي، محبوب جي انوار حسن تائين رسائي حاصل ڪري ورتي آهي.

پاڙيءَ ۾ ٻڙهيڪڙو سومون گهٽو سهاءِ
نار ولاسي سڄڻان، چيڙي پيي وٽراءِ.

جسم ۾ جيتوڻيڪ، دل تہ هڪڙي ئي آهي پر، سڄي جسم ۾ اها دل ئي تہ آهي جيڪا، محبوب جي انوار حسن مان لطف اندوز ٿيڻ جي، استعداد سان بهره ور آهي، باقي جسم ڇا آهي، اهو تہ، مٽيءَ جو ڍير آهي، ان جي ڪهڙي حيثيت؟ دل جي ڪري ئي تہ جسم، اهميت رکي ٿو . جهڙي طرح جهنگ ۾، ٻڙ جو وڻ، هڪڙو ئي هجي ٿو . جيڪو گرميءَ جي موسم ۾ ٿڌڪار جي احساس سان، فرحت بخشي ٿو اهائي حالت، انساني جسم ۾ " دل " جي آهي، دل، جيڪڏهن، محبوب جي محبت سان آشنا آهي ۽ محبوب جي انوار سان سينگاريل آهي تہ پوءِ ان دل جي ذريعي سڄو جسم منور ٿي وڃي ٿو.اهڙي طرح فرد، ذهني ۽ نفسياتي بيمارين ۽ اعصابي دٻاءَ کان بچي وڃي ٿو.

ماءَ مصلي وير، هاڻي ويئي وساريون
عيد ڪريندو ڪير ماکي سڄڻ گڏيو.

محبوب سان، محبت جي مضبوط تعلق کان پهرين، منهنجي اها حالت هئي جو، نماز سان منهنجي طبقي مناسبت، پيدا ٿي نہ سگهي هئي، نماز جي ادائيگي فرض جي هڪ صورت هئي، هاڻي جڏهن، درد عشق سان واقفيت ٿي آهي، ۽ محبوب سان وصال جا مقامات طئي ٿيا آهن، تہ، نماز تہ خير نماز آهي، منهنجي حياتيءَ جو هر پل " عبادت ۽ عبوديت " جي ڪيفيت ۾ بسر ٿئي پيو، هاڻي منهنجي لاءِ محبوب جو هر حڪم، لذت جو



ذريعو بنجي ويو آهي، درد عشق، منهنجي سڄي زندگيءَ کي، محبوب جي رضا ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي.

جيئن ڦقرماهہ ۾، ايئن روزا عيد نماج
اجا آهي ڪاءِ ٻي، الله دي حاج

انساني جسم ۾ جيئن ڦڦرن جي اهميت آهي، اهي، رت جي صفائي ۽ ساهہ کڻڻ جو ذريعو آهن، انهن سان ئي جسم ۾ جان آهي، روزا، عيد ۽ نماز بہ اسلام ۾ اهڙي اهميت رکن ٿا، اهي اسلامي فرائض آهن. پر، فرضن ۾ " روح " انوقت پيد ٿيندي آهي جڏهن، آتش عشق جي ذريعي، نفسي قوتون پائمال ٿين ٿيون، ۽ روح جو، " روح مطلق " هستيءِ سان تعلق مضبوط ٿيئي ٿو ان کان پوءِ اهي فرائض، محض رسمي ادائيگيءَ تائين محدود نٿا رهن. بلڪ انهن، فرضن جي ادائيگيءَ جي ذريعي مؤمن ٻانهو محبوب حقيقيءَ سان قرب جا مرحلا طئي ڪندو رهي ٿو.

پتو ڦٿو پيٽ ۾، وڍي ملان ماهہ
ڏوئين ڏتي ڏوڙ ۾، الله اوري آءُ

معاشري جي افراد جو سڀ کان وڏو الميو اهو آهي تہ سندن، دل مري وئي آهي، دل جي مرده ٿيڻ سان، سڄو جسم، ناپاڪ ٿي ويو اٿن، حقيقت کان نا واقف ملان ۽ اڻ ڄاڻ طبيب، اصل بيماريءَ کي سمجهي، ان جي علاج جو فڪر ڪرڻ بدران سڄو ڌيان، جسماني علاج تي ڏيئي، آپريشن مٿان آپريشن ڪري رهيا آهن ۽ معاشري جي افراد جي، جسماني صحت جي بهتري لاءِ، نوان، نوان نسخا تجويز ڪري رهيا آهن، پر بيماري تہ لڳاتار وڌندي پئي وڃي ۽ افراد معاشره جي دلين ۾ موجود فساد جي ڪري، ڪابہ شئي ان جي زهريلي اثر کان بچي نہ سگهي آهي، انهن حالتن ۾ محبوب حقيقيءَ کان دعا آهي تہ اهو اسان کي خود فريبيءَ مان ڪڍي خودشناسي جي واٽ نصيب فرمائي .( آمين )

قاضي ڪٺ مَ ايترو مت ڪيروئي پير
پلاٽيندو پوٿلي، مٿي ڪيندو ڪير.

ائي عالم ! ائي خطيب! ائي دانشورا! " معرفت نفس " ۽ " معرفت رب " کان خالي، وعظ و نصيحت، قيل قال ۽ دانشورانہ نڪتن ڪي ڪٿي، ڪٿي ۽ ڪيستائين بيان ڪندو رهندين. تنهنجي سموري دانش مندي، خود بينيءَ تائين محدود آهي ۽ ٻيائي ۽ تضادات سان پرپور آهي، جڏهن حقيقت ڪلي سامهون ايندي تہ اکين اڳيان لڱل پردا لهي پوندا. ان وقت تنهنجي تضادات ۽ خوديءَ سان پريل گفتگو ۽ قيل، قال سان سرشار زندگيءَ جو بار ڪير کڻندو؟

مکڻ مکي ان کي ملان ڪٿي ڪين
پڇ ڪڏهين پيي تن کي، هو جي رڀ گهرن.

ائي نعمتن سان مالا مال افردا! توهان جي پنهنجي حالت تہ اها آهي جو الله تعاليٰ جي عطا ٿيل نعمتن ۽ لذتن مان فيضياب ٿيو ٿا، ڇا توهان کي ڪڏهن انهن غريبن جو احساس ٿيو آهي تہ انهن کي بہ ڪڏهن ڪجهہ ڏيو جيڪي پيٽ جي لاءِ بہ سڪن ٿا._

ڏنئين پاڻ وڪاڻ ڪون، جپ تنهنجي وات
وڏي خالق نہ گهرئين، ڪرين ٻاڙي تات

خالق ڪائنات توکي زبان جي نعمت ان ڪري عطا فرمائي آهي، جوتون ان پاڪ هستيءَ جي پاڪائي بيان ڪندو رهين ۽ ان جي نعمتن جو شڪر ادا ڪندو رهين پر افسوس آهي تہ تون ان، زبان سان ان جي حمد ۽ تقديس بيان ڪرڻ جي بجاءِ ان کي پاڻ پڏائڻ، خود پرستي ۽ جذبۂ شهرت، وغيره جي مقاصد ۾ استعمال ڪرڻ بيجا آهي، ان ڪري راه سلوڪ ۾، مبتدي ۽ متوسط کي غير ضروري طور تي ادا ٿيڻ واري هڪڙي لفظ سان بہ قبض ۽ بيچيني ٿيڻ لڳي ٿي، جڏهن سالڪ، فنا جي حالت مان بقا ۾ اچي ٿو



تہ نفس تي پيل "پردا"پري ٿين ٿا. محبوب کانسواءِ ٻيا مقاصد هيٺا ٿي، خواهشون محبوب جي مرضيءَ جي تابع ٿين ٿيون تہ پوءِ، زبان جو گهٽو استعمال "، نقصان جو موجب نٿو رهي .

تيئن پڇي اساڻ، تون اسين نهين پڇيو
پڙهڻ هار قرآڻ نهين رتو رحمان سان.

ائي مهربان مولا! تنهنجي پاڪ ذات ايڏي ٻاجهاري ۽ ڪرم واري آهي جو تو اسان جي دلين ۾ پنهنجي محبت جي جوت ٻاري ڇڏي آهي، پر اسان ئي اهي بدنصيب افراد آهيون جو خود شناسيءَ جي. ذريعي تنهنجي معرفت کان قاصر ۽ محروم آهيون. ايترو ويجهو هئڻ جي باوجود. اسان تو کان پري آهيون. اسان مان اهي افراد جيڪي، قرآن سان تعلق خاطر رکڻ جا دعويدار آهن ۽ جيڪي قرآن پاڪ کي پڙهندا بہ آهن. انهن جي بہ اها حالت آهي جو سندن زبان تي تہ قرآن آهي، پر انهن جي دل، " تون ۽ مان " جي دورنگي ۽ ٻيائيءَ جي حجابات سان پريل آهي ۽ هو محبوب حقيقي تائين رسائيءَ کان قاصر آهن.